
سوڪڙي ڳالهين جي
جوڙيل:
ديوان ڪيولرام سلامتراءِ آڏواڻي
سنواريل:
انجنيئر عبدالوهاب سهتو
www.sindhsalamat.com

ڏٽيءَ جو آسرو

# سوکڙي ڳالهين جي

جوڙيل: ديوان ڪيولرام سلامتراءِ آڏواڻي

سنواريل: انجنيئر عبدالوهاب سهتو

ڊجيٽل ايڊيشن:

2019ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
## © اي بوڪ ايڊيشن

ڪتاب: سوڪڙي ڳالهين جي
جوڙيل: ديوان ڪيولرام (سلامتراءِ آڏواڻي)
سنوار سڌار: انجنيئر عبدالوهاب سهتو
ڇاپو پهريون: پنڊت جيشتا برهم ڪمپنيءَ، سال ١٨٦٥ع ڌاري، وديا ساگر ليٿوگرافي پريس حيدرآباد مان ڇپايو.

ٻيو ڇاپو: (اِي بوڪ) نومبر ٢٠١٩ع
ڇپائيندڙ: سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام

"Sookhrri gaalhyun ji"
Author: Devan Kevalram Salamatrai Advani
Composed & Explained: Engr. Abdul Wahab Sahito
1st Edition: (E-Book) November 2019 A.D
Published by: SindhSalamat.Com
E-mail: sulemanwassan@gmail.com

هيءُ ڪتاب محمد سليمان وسڻ، سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام ڪراچي پاران پڌرو ڪيو.

## سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”سوکڙي ڳالهين جي“** اوهان اڳيان پيش ڪري رهيا آهيون. هن ڪتاب جو ليکڪ/جوڙيندڙ **ديوان ڪيولرام سلامتراءِ آڏواڻي** آهي جڏهن تہ سنوار انجنيئر عبدالوهاب سهتي صاحب ڪئي آهي. ڪتاب بابت انجنيئر عبدالوهاب سهتو صاحب لکي ٿو:

”هن ڪتاب ۾ چڱا چڱا پهاڪا ۽ پلا پلا رواجي سنڌي حرف آيا آهن، جنهن جهڙا اڳي سنڌي ڪتابن ۾ ٿورا آيا هوندا. تن جي پڙهڻ مان گهڻي واقفي (ڄاڻ) ٿيندي ۽ منجهس چڱيون چڱيون آڪاڻيون آيون آهن، جن جي پڙهڻ ڪان گهڻو دل خوش رهندي ۽ منجهس گهڻيون نصيحتون آهن، جن جي پڙهڻ مان گهڻو فائدو ٿيندو.“

هي ڪتاب 1865ع جو ڇپيل آهي، جنهن جي ڪاپي برٽش لئبرري لنڊن مان هٿ ٿي ۽ غلام محمد لاکي صاحب ذريعي انجنيئر عبدالوهاب سهتي تائين پهتي جنهن نئين سر سنوار ۽ ڪمپوزنگ ڪري سنڌ سلامت ڏانهن موڪلي آهي.اسان سندس ٿورائتا آهيون.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# ڪتاب جي وِڇيتِ (فهرست)


| نمبر | ڳالهه جو بيان | صفحو |
|---|---|---|
| ١-٠ | **لالچ جي گلا جو** | |
| ١-١ | پورهيت ۽ قاضي جي | |
| ١-٢ | فقير ۽ ٻن ڪتن جي | |
| ١-٣ | بگهڙ ۽ گدڙ جي | |
| ١-۴ | لوڪڙيءَ ۽ اٺ جي | |
| ١-۵ | سرڻن جي | |
| ١-٦ | پجاري ۽ ٻناري جي | |
| ١-٧ | ٻن ٻلن جي | |
| ١-٨ | شينهن ۽ گدڙ جي | |
| ١-٩ | گدڙ ۽ لوڪڙي جي | |
| ٢-٠ | **ڪوڙ جي گلا جو** | |
| ٢-١ | شخص هڪڙي جي چور ڪان قرجڻ جي | |
| ٢-٢ | زال جي جنهن ڪوڙو مڙس قبول نہ ڪيو | |
| ٢-٣ | ٻار جي جنهن ڪوڙي جي گهر ٻبو نہ پيتو | |
| ٢-۴ | مريد ۽ پير جي | |
| ٢-۵ | جان ڪولينگ صاحب ۽ وڏي ماڻهوءَ جي | |
| ٣-٠ | **ماٽ جي ساراهہ ۽ ٻڪ جي گلا جو** | |
| ٣-١ | ڪچون ۽ ٻن پکين جي | |
| ٣-٢ | گلاب جي گلن جي | |
| ٣-٣ | ڪانءَ ۽ گدڙ جي | |
| ٣-۴ | موتيءَ جي | |
| ٣-۵ | ٻناري جي گڏهہ جي | |

| | | |
|---|---|---|
| ۰-۴ | **ٻچڙي ڪم مان خرابي ٿيڻ جو** | |
| ۱-۴ | ڪوريءَ ۽ چاڪيءَ جي | |
| ۲-۴ | سوداگر جي جوءِ جي | |
| ۳-۴ | نيت ۽ مراد جي | |
| ۴-۴ | سڄي ۽ ڪٻي هٿ جي | |
| ۵-۴ | ريس-مئيءَ پناڻيءَ جي | |
| ۰-۵ | **ري استاد ڪم ڪرڻ مان گهاٽي جو** | |
| ۱-۵ | پولڙي جي حجامت جي | |
| ۲-۵ | ڇٽ جي ترار جي | |
| ۳-۵ | ڇٽ طبيب ڪان زال مرڻ جي | |
| ۴-۵ | باندر جي ڪاٺ چيرڻ جي | |
| ۵-۵ | ڇٽ طبيب ڪان شهزادي مرڻ جي | |
| ۰-٦ | **لُچن سان چڱائي ڪرڻ مان گهاٽي جو** | |
| ۱-٦ | فقير ۽ نانگ جي | |
| ۲-٦ | سوار ۽ نانگ جي | |
| ۳-٦ | پولڙن ۽ گدڙ جي | |
| ۴-٦ | شينهن، گڏھ، ڪانءَ ۽ گدڙ جي | |
| ۵-٦ | باندر ۽ چيهي جي | |
| ۰-۷ | **سياڻن جي سهڻن نُڪتن جو** | |
| ۱-۷ | تيمور لنگ ۽ دولت جي | |
| ۲-۷ | لالا دولت رام جي | |
| ۳-۷ | ديوان گدومل جي | |
| ۴-۷ | مُهاڻي ۽ وزير جي | |
| ۵-۷ | نواب غازي خان جي | |

# سادا اکر

آگسٽ ٢٠١٩ع ڌاري ڊاڪٽر غلام محمد لاکو صاحب جن جي ڪال آئي. ڪو بہ حال احوال ڪرن کان اڳي پوسٽل ايڊريس موڪلڻ بابت چيائين. ٻڌايائين تہ انگريز دور جو اوڻويهين صديءَ ۾ ڇپيل هڪڙي ڪتاب جي فوٽو ڪاپي موڪلڻي آهي. برٽش لئبرري لنڊن مان اها هٿ ٿي آهي. مون وٽ رکڻي رکڻي چڱو وقت ٿي ويو اٿس. اهو موجوده صورتخطيءَ ۾ آڻي عام استفادي لائق بنائڻ لاءِ، منهنجو ڌيان اوهان ڏانهن ويو آهي. ان ڪري اهو اوهان ڏانهن موڪلجي ٿو.

ڪيس پوسٽل ايڊريس ايس ايم ايس ذريعي ڏياري موڪليم. ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ سندن پاران ٽي سي ايس ذريعي لفافو پهتو جنهن ۾ ڪتاب جي فوٽو ڪاپي بہ هئي ۽ ساڻس چٺي بہ هئي، جيڪا جيئن جو تيئن هيٺ پيش ڪجي ٿي تہ جيئن رڪارڊ تي رهي.

”فوٽو ڪاپي وغيرهہ جو ڳرو خرچ ڏهر صاحب برداشت ڪيو.

محترم

عبدالوهاب سهتو صاحب

دعا سلام-

فريئر صاحب سنڌ جي ڪمشنر (١٨٥١ع- ١٨٥٩ع)، جي حڪم تي، سنڌي-الف بي جي رسم الخط تيار ٿي. بعد ۾ ليٿو تي ڪتاب بہ ڇپجڻ شروع ٿيا.

١٠-١٢ سال اڳ پنهل ڏهر حڪم ڪيو تہ برٽش لئبرري لنڊن مان پنهنجي زميندار جي ڳالهہ فوٽو گهرائي ڏي. ان وقت لاهور جو هڪ دوست، اتي علمي ڪم سان موجود هو. ان صاحب جاچ پڙتال ڪري ٻڌايو تہ ذڪر ڪيل مواد کان علاوهہ، هڪ جلد ۾ ٻہ ٻيا ڪتاب بہ آهن. ڏهر صاحب جي حڪم موجب، صاحب موصوف کي اي-ميل ڏنيم. هو واپس آيو تہ ٽپال ۾ لفافو موڪلي ڏنائين. محمد پنهل کي حسب حڪم ’پنهنجو‘ موڪليو ويو. ٻيو مواد مون وٽ رهيو.

چند ڏينهن اڳ، ڪنهن پني پرزي جي ڳولا ڪندي ’ڪتاب سوڪڙي ڳالهين جي‘ ملي ويو. مون محسوس ڪيو ته، هي ڪتاب/ مواد اوهان جي ڪم جو آهي، جو نہ خدمت ۾ پيش ڪجي. ان ارادي سان تہ شايد اوهان هن ڪي نئين انداز ۾ آڻي ڇپرائي ڇڏيو تہ بهتر.

مخلص

۲۰۱۹/۰۸/۳۰ع“

ڪتاب، سيپٽمبر ۱۸٦۵ع ڌاري جو ڇپيل هيو. ليکڪ جو نالو، ٽائيٽل تي تہ ڪيولرام لکيل هيو، پر اندر وضاحت سان ديوان ڪيولرام سلامتراءِ آڏواڻي لکيل هيو. ساڳيي مصنف جا ٻہ ڪتاب، گلشڪر (تصنيف ۱۸٦۸ع) ۽ گل (تصنيف ۱۸۷۱ع) سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيل آهن. گلشڪر ڪتاب پهاڪن ۽ چوڻين بابت آهي، جيڪو پهريون پيرو ۱۹۰۵ع ڌاري ڇپيو هيو. جڏهن تہ گل ۾ (جنهن جا پڻ ٻہ حصا آهن: گل ۽ قند) نصيحت آموز ٽوٽڪا ۽ اصطلاح آيل آهن. جيئن تہ راقم جو موضوع پڻ ساڳيو آهي. جنهن ڪري ڪتاب ڏانهن ڌيان اچا وڌي ويو.

هن ڪتاب بابت اڳي ڪين ٻڌو هيو. يا ڪٿي بہ ڪنهن ان ڪتاب بابت حوالو نہ ڏنو هيو. مصنف جي مٿي بيان ڪيل ٻنهي ڪتابن منجهہ بہ هن ڪتاب بابت ڪو اشارو آيل ڪو نہ آهي.

الهرڪيو ٻٽ صاحب، جيڪو سنڌي ڪتابن جو ڪئٽلاگ ترتيب ڏئي، مهراڻ رسالي ۾ ڇپايو هيو، تنهن جي چوٿين قسط ۾، آڪاٽين وارن ڪتابن ۾ هن ڪتاب جو نالو آهي. باقي ڪتاب اندر ڇا آهي، تنهن بابت ڪٿي بہ ڪو تذڪرو ڪو نہ مليو.

ڪتاب کي ورجائي ورجائي پڙهڻ کان پوءِ ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ڪري، ڏکين لفظن جي معنيٰ ڏنگين ۾ ڏئي، پهاڪن ۽ چوڻين جي نشاندهي ڪري، محققن ۽ پهاڪن/ چوڻين جي شائقين لاءِ پيش ڪجي ٿو.

اميد تہ هيءُ ڪتاب سنڌي ادب جي واڌاري لاءِ ڪارايتو ثابت ٿيندو.

انجنيئر عبدالوهاب سهتو

# (ڦهرئين ڇاپي جو مهاڳ)

## بسم الله الرحمان الرحيم

ساراهيان سچو ڏڻي، پرتويءَ پالڻهار،
جوڙيو جنهن جهان جو، عجائب اسرار،
پاڻيءَ مان پيدا ڪيو، جنهن جڳت جو جنسار،
لهي سار سڀن جي، عالمَ جو آڌار.

## سڀوئي سنسار آڌار آهي ان جي.

آڌار آهي ان جي، سارو سڀ جهان،
مالڪ سو ملڪ جو، سوڀارو سلطان،
رزق رسائي سڀ ڪي، سو رازق رحمان،
پالي پکي ۽ پسون، جن، پري، انسان،
سياڻن سار لهي، ڏڏن ٻہ ڏئي ڏان،
آڌر ڏئي انڌن کي، منڊن ڏئي مان،
ڳائي ڳڻ انهيءَ جا، ڪري ڪير بيان،
ملائڪ ماندا وتن، ڇا آهي انسان.

## سونهارو سبحان، عالمُ جنهن جي آسري.

ساراهه ٿو ڪريان ڏڻيءَ جي، جنهن پنهنجي سگهه سان اپ کي ري-ٿنڀي-ٿوڻين بيهاري، ڌرتيءَ کي پاڻيءَ تي پکيڙيو آهي. جنهن جي قدرت سان چنڊ ۽ سج، راتيان ڏينهان هلي، ڌرتيءَ ۽ اپ تي سوجهرو ڪن ٿا. جنهنجيءَ سگهه سان، ڏينهن ۽ رات، هڪ ٻئي پنيان ٿا ڊوڙن. جنهنجيءَ سگهه ليکڻ (قلم، پين) کي اهڙي ڪلّ ڏني آهي، جا ريءَ-ڄڀ، اهڙو ٿي ڪاڳر (پني/ ڪاغذ) تي ڳالهائي، جو پري پري ٿو سُڄي (ٻڌجي). جنهنجيءَ سگهه دل جي وهم کي اهڙو ناهه ڏنو آهي جو ريءَ-ڪنين اڏامي پل ۾ پري پري ٿو پهچي. جنهنجيءَ سگهه،

پاٽيءَ جي هڪڙي ڪني ڦڙي ڪي ڳيپرڻ ۾ ويهاري، تنهن مان طرح طرح جا ماڻهو: هڪڙا راجائون هڪڙا وزير، هڪڙا ساوا هڪڙا سجا، هڪڙا سياڻا هڪڙا اياڻا، هڪڙا پڙهيا هڪڙا ڏڏ، هڪڙا چڱا هڪڙا منا اپائي ٿي. تنهن جي وڏائيءَ جي لکڻ لاءِ جيڪڏهن ڪو سڄو سمنڊ مس ڪري ۽ سپ وڻ راھ ليکڻ (قلم، پين) ڪري ۽ سڄي ڌرتي ڪاڳر ڪري، تڏهن پڻ هن جي وڏائيءَ جو ڇهُ نہ لهي. تڏهن مون ايري اياڻي، ٿوريءَ سمجهہ واري جي ڇا دال ڳرندي جو هن جي سگهہ کي ساراهي سگهندس. پر پنهنجي ڄاتي آهر، گهٽي مان ٿورو، جهڙو هنبار (ڍير، ديرو، ڪوڙ) مان ڪٽو چيو گهرجي. تنهن سگهاري جي اپايلن مان آءٌ پڻ هڪڙو ٻانهو، اپرو اجاڻ، ڪيولرام پٽ سلامت راءِ جو آڏواڻي حيدرآباد جو رهاڪو آهيان.

## ڪتاب جو سبب

هڪڙي وقت دل ۾ آيم تہ جيڪر ڪو ننيو وڏو ڪتاب جوڙي پوءِ پرهئين (پيڙهيءَ، آکهہ، خاندان) جي نالي رهڻ جو وسيلو ڪريان. جي توڻي تہ (جيتوڻيڪ) ڄاڻان ٿو تہ جيڪڏهن اهڙو ننيو سادو ڪتاب فارسي يا هندي زبان ۾ جوڙيان تہ جوڙي سگهان. پر اهو اهڙو پڌرو ۽ پسند نہ ٿيندو. سو ڪو تہ (ڇاڪاڻ تہ) اجوڪي سمي ۾ سنڌ جي سرڪار ڪي سنڌي ٻولي ۽ اکر وڻندڙ آهن. سياڻا چوندا آهن: ”ڍارو پوي، سو داءُ، راجا ڪري سو نياءُ.“ يعني: ”راڻي سا، جا راءِ کي وڻي.“ تنهنڪري هن ريت جي ڪتاب جي رٿ ڪري، پنهنجي ٿوري سمجهہ آهر، ڪي آکاڻيون ماڻهن ۽ پکين ۽ مرن جي ٻوليءَ جون چوندي هن ڪتاب ۾ لکيم. ڀانيان ٿو جو هن جي پڙهڻ وارا اهي پڙهي منهنجي اياڻپ تي کلندا. سو ڪو تہ (ڇاڪاڻ تہ) ڪتابن جي جوڙڻ وارا سپ سرها گل آهن، جهڙو جاءِ ۽ گلاب. تن ۾ آءٌ هڪڙو اڪ جي گل جهڙو آهيان ۽ ڪتابن جي پڙهڻ وارا پونئر، واس وننڌڙ آهن. تن کي کهڙي پر، اڪ جي گل جي ٻانس وڻندي. پر ڏنو اٿم جو چيٽ مهيني ۾ پونئر، پلائي ڪري، اڪ جي گل جو پڻ واس وننڌو آهي. تنهنڪري مون کي پڻ سوس آهي جو پڙهندڙ پلائي ڪري هيڪر هن ڪتاب کي، مهربانيءَ جي اکين سان ڏسي، جيڪو منجهس پولو رولو هوندو سو جوڙيندا. جيڪڏهن ڪتاب جي ڪچائيءَ کي ڏسي، مون تي توڻي ڪتاب تي کلندا. تڏهن بہ ڪس ڪا نہ لڳنديم. ڀانئيندس جو پورهيو گهڻن جي کلي خوش ٿيڻ جو ٿول جوڙيم. سو ڪو تہ (ڇاڪاڻ تہ) سياڻا چوندا آهن: ”جنهن ڳالهہ ۾ گهڻا خوش ٿين، سا چڱي.“

# ڪتاب جو احوال

هي ڪتاب اهڙو چڱو نہ ٿيو آهي، جنهن جي ساراهہ ڪجي. پر ”نڪي ڪنهن کي سونهن سڪايو آهي، نڪي ڪنهن کي عقل منجهايو آهي.“ سڀ ڪو پاڻ کي سهڻو ۽ سياڻو ڄاڻي. تنهن ريت آءٌ پڻ پنهنجي ڪتاب کي چڱو ڄاڻان ٿو. تنهن ڪري ”ڳالهين جي سوڪڙي“ نالو رکيو اٿمانس. پانيان ٿو پڙهڻ وارا اهو ڪتاب جو نالو ڏسي ڇٽرون ڪندا. پر هيءَ ڳالهہ پڌري آهي، جو ”پنهنجي ڏونئري کي، ڪتو ڪو بہ نہ چوي.“ اهو عذر، منهنجي اگلائيءَ کي (جو) بچاءُ ڪندو. تنهنڪري اميد اٿم جو ڪتاب پڙهڻ وارا ان ڏوهہ کي اسراڻ (معاف، وساري) ڪندا.

## ڪتاب جي وِڀِيتِ (فهرست)

هن ڪتاب ۾ هڪڙي هڪڙي ڏوهہ ۽ صواب لاءِ هڪڙو هڪڙو باب ڌار ڪري سڀ ست باب ڪيا اٿم.

## تن جي وِڀِيتِ (فهرست)

١ پهريون باب، لالچ جي ڳالا جو، تنهن ۾ نو ڳالهيون.
٢ ٻيون باب، ڪوڙ جي ڳالا جو، تنهن ۾ پنج ڳالهيون.
٣ ٽيون باب، ماٽ جي ساراهہ ۽ بڪ جي ڳالا جو، تنهن ۾ پنج ڳالهيون.
٤ چوٿون باب، ٻچڙي ڪم ڪرڻ مان خرابي ٿيڻ جو، تنهن ۾ پنج ڳالهيون.
٥ پنجون باب، ري-استاد ڪم ڪرڻ مان خرابي ٿيڻ جو، تنهن ۾ پنج ڳالهيون.
٦ ڇهون باب، لڄن سان چڱائي ڪرڻ مان گهاٽي جو، تنهن ۾ پنج ڳالهيون.
٧ ستون باب، سياڻن جي سهڻن نقطن (نڪتن) جو، تنهن ۾ پنج ڳالهيون.

# ڪتاب جو متن

## ١-٠ پهريون باب: لالچ جي ڳلا جو

### ١-١ ڳالهه پهرين: پورهيت ۽ قاضيءَ جي

پورهيت هڪڙي، گهڻا پورهيا ڪري، سؤ روپين (جو) گڏ ڪيو هو. هڪڙي ڏينهن، پرڏيهه ڏي تيار ٿيو. اهي روپيا ڏراوت (امانت طور) رکڻ لاءِ، ڪٽي هڪڙي هٽائيءَ وٽ ويو. پر هٽائيءَ ڏراوت رکڻ جي نه ڪئي. ان ڳالهه جو پورهيت ۽ هٽائيءَ جو پاڻ ۾ ڳچ سوڏو چؤبولو هليو. سو ڪو تہ (چاڪاڻ تہ) ڏراوت رکڻ لاءِ پورهيت ماندو (پريشان) ۽ هٽائي پڄندڙ.

ايتري ۾ ڳوٺ جي قاضيءَ جي ٻانهي دمڙيءَ جو تيل وٺڻ آئي. پر هٽائيءَ ۽ پورهيت جي رڳڙي ڪري (سبب) ويرم (دير) لڳيس. تنهن ڪان قاضيءَ ويرم جو سانگو (سبب، بهانو) پڇئو. تنهن پورهيت ۽ هٽائيءَ جي سؤ روپين ڏراوت جي ريڙهہ پيڙهہ جي ڳالهه ڪري سڻايس. قاضي اها ڳالهه ٻڌي، نڳي دل ۾ رکي، دمڙي ٻي ان کي ڏني. تنهن، قاضيءَ جي چوڻ موجب، ٻئي هٽ تان تيل وني، ان هٽائيءَ جي تيل ۾ گڏي، ورائي هٽائيءَ وٽ وجي، چيائينس: جو تو پلجي تيل وڏيک وجهي ڏنو آهي. پر قاضيءَ کي پرائو وڏيک نہ گهرجي. پنهنجو تيل لاهي وٺ. هٽائيءَ تيل لاهي ڏنس. پورهيت اها ڳالهه ٻڌي، قاضيءَ جي رج کي پاڻي جاڻي، ناڻو وٽس ڏراوت رکي ويندو رهيو.

ٿورن ڏيهاڙن ڪان پوءِ وري اچي ڏراوت قاضيءَ ڪان گهريائين. قاضي، ڏراوت اَلي ويو. ويچاري کي ڏراوت جو ساکي (ساک پت، شاهد گواهہ) ڪو نہ هو، تنهن ڪري قاضيءَ تي ڏراوت ورجائڻ (موٽائي وٺڻ) اهنجي (ڏکي) ڏسي ماٺ ڪري ڳوٺ ۾ وجي هڪڙي رن زال وٽ ٽڪيو. پر ارمان سان پرجي، ڏاڍا شوڪارا تي پريائين. اهو حال ڏسي، رنڙيءَ پڇيس. تنهن ڪان گهڻو گسايائين. پر نيٺ قاضيءَ واري ڳالهه سڄي ڪري ٻڌايائينس. تڏهن زال چيس تہ جيڪڏهن مون کي پنج روپيا مِنائيءَ جا ٻاسين تہ ڍُول (ڍونگ، ڊرامو) ڪري ڏراوت وٺي ڏيانءِ. پورهيت گهڻي خوشيءَ سان اها ڳالهه ٻاسي. جهڙيءَ ريت ڪو سوريءَ ٻدران ڪندو ٻاسي.

رن دل جاءِ ڪري، پورهيت کي متِ سيکاري، اُڃا ڪپڙا ڍڪي، ڊٻلي هڪڙي ننڍن پاهڻن سان ڀري، رومال ۾ ويڙهي، مُرڪو ڍڪي (منهن ڍڪي، برقعو پائي)، قاضيءَ جي گهر وئي.

تنهن اُچا ڪپڙا ڏسي، پال پلائي پڇيس. رن ذوهه ڪري چيو تہ: امڪي (منهنجي) امير تي، راجا ڏُسڪيو (ڪاوڙيو) آهي. پانئجي ٿو تہ متان گهر ڦرائيس. تنهنڪري سندس گهران جواهرن جي دبلي ڏراوت (امانت طور) رکڻ لاءِ تو ڏي ڏني اٿن. قاضي، رن جي جَوَن کي ڪٽڪ چاٽي، خوش ٿيو. ايتري ۾ پورهيت اچي قاضيءَ کي سلام ڪيو. قاضيءَ پنهنجي سچائيءَ لکائڻ (ظاهر ڪرڻ) لاءِ، روپين جي ڳوٿري ان گهڙيءَ ڪڍي ڏنس. پورهيت، پنهنجو ويل مال هٿ ڪري، خوش ٿي، ٻاهر نڪتو.

وات تي دهل وڄندا ڏسي، جهمر هڻڻ لڳو. ايتري ۾ زال پڻ قاضيءَ وٽ دبلي ڇڏيندي، پورهيت وٽ اچي، دهلن تي نچڻ بيني. تيستائين قاضيءَ دبلي پٽي، پاهڻ ڏسي، زال جي نڳيءَ تي تپرس ڪائي چوڻ لڳو: ”**چورن متان مور پيا**.“

قاضي، ٻوڙي زال جي پويان پيو. ٻاهر نڪري ٻنهي کي نچندو ڏسي، پاڻ بہ نچڻ لڳو.

ماڻهن تنهي کي نچندو ڏسي چيو: ”**پرائي دهلين، احمق نچي**.“

اها ڳالهہ ٻڌي، پورهيت چيو تہ: ”مون سؤ روپين (جو) وڃايل لڌو آهي، تنهن ڪري خوش ٿي ٿو نچان.“

زال چيو تہ: ”آءٌ بہ تي ڏوڪڙ ڏيهاڙي ڪمايان. اڄ پنج روپيا مليا اٿم، تڏهن ٿي جهمر هڻان.“

قاضيءَ چيو تہ: ”ٻيا ڪتاب گهڻا پڙهيو هيس، پر اڄ نئون سبق سکيو آهيان. تنهن ڪري ٿو نچان.“

فقط حاصل ڳالهہ جو: قاضيءَ دبليءَ جي لالچ تي، سؤ روپين جو هٿان ڇڏيو. ڏسو لالچ جا ڪم، جنهن قاضيءَ جو ڪهڙو حال ڪيو. سياڻا چوندا آهن جو:

”**هڪڙي واءَ ڪان گهڻا ڪکر ۽ هڪڙي شينهن ڪان گهڻا مِرون، هڪڙي مور ڪان گهڻا سپ ۽ هڪڙي سيگ (ڪمان) ڪان گهڻا ڪانءَ پڄن**.“ تنهن ريت، **هڪڙي لوڀ ڪان، گهڻا ڳڻ پڄي وڃن**.

تنهنڪري تو کي جُڳائي جو جوفي (لالچ) جهڙيءَ ٻڇڙيءَ بلا کي دوس (دوش، ڪلهو) نہ ڏي. ۽ اهڙي بلا کان پنهنجو پاڻ بچاءِ!

### بيت

تن نہ لاءِ طمع کي، طمع تکي ترار،
ڦِٽيءَ ڦٽيا ڪيترا، ڪري ڪِني ڪارِ،
ڏيئي چشَ چوڙنگ ڪري، مارئا هن مردار،
ڳُهٽي گهوٽن کي گهٽيءَ، ڏڙ ڪيائين ڏار،

پنهنجو ساھ سنيار، سِپَر ڏيئي سيل جي.

## ١-٢ ڳالھ ٻي: فقير ۽ ٻن ڪتن جي

فقير هڪڙي ماني ويني کاڌي. اڳيانئس (سندس اڳيان) ڪتا ٻہ، هڪڙو هيٺو ۽ هڪڙو ڏاڍو، بيٺا هوا. فقير، ماني هڪڙي، ٻہ اڌ ڪري، هڪڙو هڪڙي کي ۽ ٻيو ٻئي کي، اڇلائي ڏنا. ڪتي ڏاڍي، پاڻ وارو اڌ رکي، هيٺي ڪتي جي اڌ ڇڏائڻ لاءِ ڊوڙيو. پر هيٺو ڪتو، پڄي ويس. تيستائين تيون ڪتو، ڏاڍي ڪتي وارو اڌ مانيءَ (جو) نڏٽڪو ڏسي، ڪٽي، ويندو رهيو.

ڏاڍو ڪتو، وري (موٽي) اچي، پڙ پالهو ڏسي، ڦکو ٿي چوڻ لڳو تہ: "سياڻن سچ چيو آهي تہ، 'جيڪو اڌ کي ڇڏي سڄي پنيءَ ڊوڙي، تنهن جو اڌ پڻ وڃي.'"

فقط ڏسو لالچ جو حال. لالچ، ٻڇڙي آهي. جي ڏاڍو ڪتو، پرائي اڌ مانيءَ جي لالچ نہ ڪري تہ پنهنجو اڌ مانيءَ (جو) رهندو نہ وڃائي. تنهنڪري لالچ ڪرڻ چڱي نہ آهي. تو ڪي پڻ گهرجي جو: "لالچ ڪان اهڙو پچ، جهڙو ڪانءُ پڄي ڪمان ڪان."

**بيت**

لالچ لچيءَ لوڪ ۾، گهٽا گهمايا،
وجهي پولو پرم جو، پڙويءَ پلايا،
ڏيئي چاٽي چش جي، رُليءَ رلايا،
ڏيکاري رند ريب جو، موڙهي منجهايا،
ڏسن ڏک ڏکيءَ جا، انڌا اجايا،
پنهنجي هٿان پاڻ کن، سوريءَ جا سعيا،
آجا سي آيا، جن ٿُڪي ٿيلهي ڇڏي.

## ١-٣ ڳالھ ٽين: ٻگهڙ ۽ ڳدڙ جي

مهاڻي هڪڙي، مڇي ڦاسائڻ لاءِ، ڍنڍ هڪڙيءَ ۾ رَڇُ (مڇين ڦاسائڻ لاءِ وڏو ڄار) ٽنگي. رَڇَ جي چوڌاري ڦڙتيون (ڪوڙڪيون) منڍي (اڏي) ڇڏيون هيون تہ متان ڪو ڪتو ٻلو رڇ مان مڇي ڪڍي. جي ڪڍي تہ ڦاسي. ۽ پاڻ پري وڃي سمهي رهيو.

اوچتو، ڄرڪو هڪڙو، رڇ ۾ ڦاٿو. پر مهاڻي ڪي ننڊ وڃئون، سُڌِ (خبر، ڄاڻ) ڪا نہ رهي. سو ڄرڪو، گدڙ هڪڙي ڏٺو. پر ڦڙتين (ڪوڙڪين) جي ڊپ ڪان ڪڏي نہ سگهيو. ۽ ڄرڪي جي کائڻ جو ارمان، دل ۾ پائي جهنگ ڏي ڊوڙيو.

اوچتو بگهڙ هڪڙي، گدڙ کي ڊوڙندو ۽ سهڪندو ڏسي پڇيو. تنهن کي گدڙ چيو: جو اسان جي ذات جو پريو مڙس مري ويو آهي ۽ ذات وارا پريي مڙس جي پڳ ٻڌڻ لاءِ مون کي تا چون، پر مون کي نہ ٿي وڻي. تنهن ڪري پڄي آيو آهيان. بگهڙ اها ڳالهہ ٻڌي چيس تہ، گدڙ اياڻا! پَرَ-مڙسيءَ جي پڳ ٻڌڻ چڱي آهي، جنهن ۾ پنهنجي ياٿر وت مجتا ۽ چڱي مَنَي وت مانُ مُهت (عزت افزائي) ٿيندو. ۽ يارن جي سرهائي ۽ وزيرن جي ارهائي آهي. تنهن ڪري هن هاج (ڪم) ڪان متان گسين (هٽان وڃائين).

تڏهن گدڙ چيس: مون ڪان هي اجايو بار ڪنيو نہ تو ٿيئي. سو ڪو تہ (ڇاڪاڻ تہ) سياڻا چوندا آهن: واهہ غريبي واهہ. وڏو چوائڻ وڏو ڏک پائڻ، ڄُٽيءَ ڳئيءَ ۾ اڪُ ڏهائڻ. تنهن ڪري آءٌ نہ تو گهران. جي تو کي وڻي ٿي تہ هلي ٻڌ.

بگهڙ اجاڻ، گدڙ جي نڳيءَ تي وسهي ساڻس گڏجي هليو.

جهڙي ريت پهاڪو آهي: "ڪاڻي وسوڙي، ڇي: مڙسم ويو اک کي".

گدڙ ڄاڻي ٻجهي، جاتي ڄرڪو رڇ ۾ ڏٺو هو، بگهڙ کي ساڻ ڪري اتاهون لنگهيو. مڇي ڏسي، بگهڙ کي چيائين: جو مڇي جو سوڻ پلو ٿيو آهي، سا ڪڍي کائي هلجي تہ چڱو.

بگهڙ ويچاري کي ڦڙتين جي سُڌِ ڪا نہ هئي، تنهن ڪري گدڙ جي ڳالهہ تي لڳي نهہ ڦهہ ڊوڙي ڄرڪي کي هٿ وڌائين تہ ڄرڪو اچي ٻاهر پيو. سندس هر هالا منهن ڪالا، ڦڙتيءَ ۾ ڦاسي پيو. تيستائين گدڙ ڄرڪو کٽي پري وڃي کائڻ لڳو.

هيڏي مهاڻي، ڪڙڪي تي ڄاڳي، بگهڙ ڦاٿل ۽ ڄرڪو گدڙ جي وات ۾ ڏسي، ڪاوڙجي، بگهڙ کي ڏاڍي مار ڏني. تڏهن بگهڙ دانهن ڪري گدڙ کي چيو تہ، مون کي ٻوهي (جنجل) ۾ وجهيپاڻ ڄرڪو کٽي پڳو تو وڃين. تنهن کي گدڙ چيو: "اها مار سُوَنَ ڳنڍاڻيءَ جي کائين تو. اجا پڳ ٻڌاڻيءَ جي پري آهي. پَرَ-مڙسيءَ جي پڳ جي سُتري (سولي، آسان) هئي تہ جيڪر مون ڇو نہ ٻڌي".

ڏسو لالچ جو گهاتو، جو بگهڙ پاتو. جي بگهڙ لوڀ نہ ڪري تہ پنهنجي ڇٽل جند (جان) ڦاسائي، مار ڇو کائي.

تنهن ڪري، لالچ ٻڇڙي آهي. ڳٽي ڏسو: جو پکي اپ مان داڻي جي لالچ تي ڦاهيءَ ۾ تو ڦاسي ۽ مڇي درياهہ مان ڳاهہ جي لالچ ساڻ ڄار ۾ تي اَڙي (ڦاسي).

تنهن ڪري هن ڏُوَار (بيماري) جي ٻُڪي (دوا، ستي) هيءَ اٿئي جو لالچ نہ ڪر. سياڻا چوندا آهن: ”جوفو، سين پاپن جي پاڙ“.

**بيت**

لالچ لُنديءَ رن مان، پؤ اتي پولو،
ڳهُنڍيءَ گهڻا گهايا، رن وجهي رولو،
ڦِتِيءَ ڦيرايا گهڻا، جيئن ڪهبڻ (گليل) گلولو،
آ جو سندس آسري، ڳولن جو ڳولو،
ان جو چڏ اولو، تہ سدا رهين سرهو.

### ۴-۱ ڳالهہ چوٿين: لوڪڙي ۽ اٺ جي

لوڪڙي هڪڙي، سهي جي شڪار لاءِ، گهڻو رُلي. پر هٿ ڪو نہ لڳس. گهمندي ڦرندي، اوچتو اٺ هڪڙو وينل جهنگ ۾ پسي، پنهنجي اجاٽائيءَ ڪان، سرهي ٿي پانيائين: ”شڪار وڏو آهي، منجهانئس گهڻن ڏيهاڙن جو ڏءُ ٿيندو.“ ان لالچ سان پنهنجو پڇ، اٺ جي پڇ سان ٻڌي، پنهنجي ڏر تي گهلي نِيڻ (پجائڻ) لاءِ ڇڪيائين.

اٺ، پڇ جي ڇڪ اچڻ سان، اٿي ڪڙو ٿيو. لونبڙي، قد جي ننڍائيءَ ڪان، لڙڪڻ لڳي.

گهمندي، ٻي لونبڙيءَ، سندس حال ڏسي، پڇيو تہ، ادي ڇو ٿي لڙڪين؟

جواب ڏنائينس: ”بس ادي! ڏاڍي سان ڳئي اڙائي اٿم.“

نيٺ، لونبڙي لالچ جي مارئي، اتي لڙڪي ساهہ ڏنو.

لالچ جو ڇيئو (نقصان)، لوڪڙيءَ پاتو سو ٻڌي جي پڙوي اهڙي لالچ نہ ڪري تہ پنهنجي پراڻي جند ڇو وڃائي.

تنهنڪري سياڻن ڪي لالچ ڪين وڻي. لالچ کي فارسيءَ ۾ طمع چوندا آهن. جنهن ۾ (آهن) ٽي اکر: ط، م ۽ ع. سي ٽيئي نلها، ري نقطن آهن. تنهن جو مطلب هي آهي: لالچ وارو پڻ نلهو رهندو. تنهن ۾ تو کي جڳائي: هنن سيني ڳالهين کي ڏسي، لالچ ڪان ڏج ۽ پيچ.

**بيت**

جوفي جهڙي جوءِ ڪان، پري ڪر پاسو،
گهڻا رن رلايا، ورتس جن واسو،
سڙيا ساڻس ڪيترا، سمجهي سو ٻاسو،
متو هنيائون مڻ ڪي، ملين نہ ماسو،

ڪٺو جي ڪاسو، پلو اٿئي پرم جو.

### ١-٥ ڳالهه پنجين: سرڻين جي

سرڻ هڪڙي، ڇيڇڙو چنبن ۾ ڪٽي، ٽي اڏاڻي. تنهن کي ڏسي ٻيون سرڻيون، ڇيڇڙو ڇڏائڻ لاءِ پٺس (پٺيانئس) لڳيون. جيترو ڪيترو سرڻ ويچاري پنهنجي بچڻ لاءِ ڀڄي پر ڇٽي نہ سگهي. تڏهن ورچي (بيزار ٿي) ڇيڇڙو ڪٽي هٿن مان ڇڏيائين. تنهن کي ڏسي سرڻيون اوڏانهن ڊوڙيون. پاڻ سکي ٿي هلندي رهي.

مراد ڳالهه جي: جاسين جوفي جو ڇيڇڙو تنهن جي هٿ ۾ هوندو تاسين ٻين جي چنبي بجي ڪان ڪين ڇٽندين.

تنهنڪري تو کي جڳائي: سياڻن جي ميڇن (اشارن) کي ڌيان ۾ رکي، جوفي کي ڇيچڙي گهاءِ (وانگر) ڇڏ.

**بيت**

جوفي جهڙي جوءِ کي، جتي هٽي ڪر جاءِ،
رنڙي ري-جاءِ کي، موران منهن نہ لاءِ،
ندوريءَ جي نينهن کان، پنهنجو پاڻ بچاءِ،
محبت لڳ مُنيءَ سان، اکيون ڪين اڙاءِ،
سپريان جي ساءِ، رتو وتين رنگ ۾.

### ١-٦ ڳالهه ڇهين: پڇاري ۽ بناري جي

ٻہ ڄڻا: هڪڙو پڇارو ٻيو بنارو، گڏجي واٽ وٺي ٿي ويا. اوچتو واٽ تي هڪڙي نُسري سون جي، گهٽو ڳري، ڏٺائون. جا ٻن ڄڻن جي ڪٽڻ کان ٻاهر هئي. سا ڪٽي نہ سگهيا. تڏهن ٻنهي ڄڻن پاڻ ۾ پهه ڪري بنارو نُسريءَ جي واهپ لاءِ وينو ۽ پڇارو بناري جي ڪاج ۽ سون وڍڻ جي ڪهاڙي آڻڻ لاءِ ڳوٺ ڏي ويو.

پڇارو ڳوٺ ۾ وڃي، پاڻ ڪاج ڪائي، بناري لاءِ ڪاج ۾ وِهُ (زهر) گڏي (ملائي)، ڪهاڙو ڳنهي (وٺي، خريد ڪري) آيو. هيءَ رٿ ڪيائين تہ بنارو ڪاج ڪائي مرندو تہ سون سڄو ڪيس هٿ لڳندو.

پر ڏٽي دلين جو مالڪ آهي. جنهن هِن کي سيڪاريو، سو هُن کي پڻ سيڪاري ويو.

هيڏي بناري کهاڙو پڄاري جي هٿ مان وني پڄاري کي هٽي، ماري دل ۾ پهه ڪيائين ته ڪاج ڪائي دلجاءِ ڪري، سون ٽڪر ڪري، ڪٽي گهر وڃي. هن ريت هو پڻ وهُ-گڏيل-ڪاج ڪائي، مئو. سون جاتي جو تاتي رهيو.

جوفائين (لالچين) جو حال اهو آهي جو بناري ۽ پڄاري جو ٿيو. جي ٻئي ليڙ-پئي اجايو جوفو (لالچ) نه ڪن ته چا لاءِ هڪ ٻئي جي هٿان ناس ٿين.

تنهنڪري جوفو بڇڙو آهي. تو ڪي گهرجي جو مور نه ڪر. سو ڪو ته (چاڪاڻ ته) سياڻا چوندا آهن: ”جوفو مارائيندڙ آهي“.

**بيت**

چڱا چڱو نه چون، جوفي کي جائي،
طمع مان ترت، ٿئي نِلي نِلائي،
مڇي هٿان ميي جي، طمع تاٽائي،
پکي پوي پڃري، لالچ جي لائي،
سِپئي سانگي بوند جي، چاتي چيڪائي،
لالچ لڳ ليو ڪري، ٻانهيءَ جو ٻائي،
چاٽي وڃهه چائي، جوفي کي جهان ۾.

(جوفي: جوفو، لالچ. ٢. طمع: سڌ. ٣. نلي: نجي. ۴. نِلائي: نلو، ٽُتو، سچ. ۵. ميي: مهاڻي، ميربحر. ٦. سِپئي: سِپَ. ٧. چيڪائي: چيرائي. ٨. ٻائي: اميراڻي عورت، شهزادي، بادشاهه جي ڌيءَ. چائي: ڌوڙ)

## ١-٧ ڳالهه ستين: ٻن ٻلن جي

هڪڙيءَ ٻڍيءَ زال جي گهر ۾ پوري نالي ٻلي رهندي هئي ۽ ٻڍيءَ جا رکا سکا ٽڪر ٽيرا ڪائي گذران ڪندي هئي ۽ گهر کان ٻاهر ڪين نڪرندي هئي. تنهنڪري سدا ڏٻري هئي. تنهن کي جيڪڏهن ٻيون ٻليون ٻاهر اندر اچڻ وڃڻ ۽ ڇيڇڙن چلرن جي ڪائڻ پيئڻ جي ڳالهه ٻولهه ڪنديون هيون ته انهن کي هيئن ورندي ڏيندي هئي.

**بيت**

لسي لڄ شرم جي، توڙي چڙي چاهه،
رڳي رب پرم جي، پيئڻ پنهنجي آهه،
پرائي پلاءَ کان، سينو پري ساهه،

ڦوڪي ڏجي ٻاهه، سهمن جي سيري ڪي.
پوري ويچاري، اها ڳالهه ٻُڌي، ٻڌيءَ جي گهر ۾ ڏکيا توڙي سکيا ڏهاڙا لنگهائيندي هئي.
هڪڙي ڏيهاڙي، گهر جي ڪڏ (ڇت) تي چڙهي هيڏي هوڏي ٿي ڏٺائين ته گوريءَ نالي ٻلي، گهٽو ٿلهي، اتي آئي. تنهن کان پوريءَ، ٿلهي ٿيڻ جي وات پڇي. گوريءَ چيو: ”فلاڻي بادشاهه جي ڪاٺانڊي (بورچيخاني) ۾ ڏيهاڙي وجي اوبر سوبر، طرح طرح جي، کائيندي آهيان. تنهن ڪري ٿلهي ٿي آهيان.“ پوريءَ کي اها ڳالهه ٻڌي، بادشاهه جي رنڌڻي ۾ وڃي ۽ اوبرن سوبرن جي کائڻ تي دل سرڪي.
اها ڳالهه پنهنجي ڏياڻيءَ (مالڪياڻي) کي ٻڌايائين. تنهن ورندي ڏنيس: ”پرائي بنگلي جي سوس تي پنهنجو مَنهُ ڇڏڻ ۽ پرائي پلاءَ جي آسري پنهنجي رب هارڻ، سياڻپ نه آهي. تهان (تنهن کان) سواءِ بادشاهن جي ڪاٺاڻين ۾ طرح طرح جا راکا (رکوال، چوڪيدار) رهندا آهن. تنهن ڪري تو کي اتي پهچڻ ۽ اهڙن هلّ-بکيڙن مان ڳپل (ڇڳو خاصو) هٿ آڻڻ، اهڙو اهنجو آهي جهڙو ميهي کي اپ تي اڏامڻ ۽ ٻڌو هوندئي جو سياڻا چوندا آهن: ’حرص جي اک کي قناعت پري يا ڳور (قبر) جي مٽي‘. تنهن ڪري تو کي گهرجي جو گهر جي ٻي-ڀِئي (ٻنا پؤ جي، ٻنا ڊپ جي) جائي مسي ٽڪر تي قناعت ڪري پوَ ڳاڏڙ ڇُورمن ڏي مَ نهار.“
پر ٻليءَ کي زال جي مت دل سان نه لڳي. نيٺ هڪڙي ڏيهاڙي، گوريءَ سان گڏجي، بادشاهه جي رنڌڻي ڏي هلي وئي.
پر تنهن کان اڳي، هڪڙي ڏيهاڙي، بادشاهه جي کائڻ مهل، ٻلن وڙهي بادشاهه جو ڪاچ وڄايو هو. تنهن ڪري راجا حڪم ڏنو هو: ”ڪاچ مهل جيڪا ٻلي اچي، تنهن کي ڪتن کان مارائي ڇڏجو.“ تنهن موجب، ڪاچ جا راکا، ڪتا وٺي، وات تي بيٺا هيا. ايتري ۾ هي ٻليون اتاهون لنگهيون. تن کي ڏسي، راکن ڪتا ڇڏيا. پر گوري ٻلي متاري هئي، سا پنهجي پاڻُ بچائي وئي ۽ پوري ڪاچ جي لالچ تي پاڻ ڪتن جو ڪاچ ٿي. جهڙيءَ طرح: ”باشو ٻوڙيو تتر ڏي، متان پيس عقاب، مڇي ڳولي ڳاهه کي، ڪسي ٿئي ڪباب.“
لالچ جو حال اهو آهي، جو (جيڪو) پوريءَ ٻليءَ جو ٿيو. جي پڙوي، ٻڍيءَ جي سادي سودي ٽڪر تي ويهي، بادشاهه جي حلون ۽ چورمن جي طمع نه ڪري ته جو اجايو پنهنجو ساهه وڃائي، ڪتن-هاب ٿئي. تنهنڪري ياڻئجي ٿو: ”لالچ سڀ کان بڇڙو ڪم آهي.“

بيت

جوفي منجهان جس، ڪڏهن ڪنهن کي نه ٿئي،

## طمع سندو تس، پريو پرجي ڪينڪي.

### ١-٨ ڳالهه انين: شينهن ۽ گدڙ جي

هڪڙي جهنگ ۾ شينهن ٻہ، پاڻ ۾ وڙهيا. چنبن سان هٽي هڪ ٻئي کي رتورت ڪيائون. گدڙ هڪڙو لالچ جو ماريو، شينهن کي رت-چاڻ ڏسي، اتي اچي سندن رتُ چٽڻ لڳو. هيءَ ڳالهہ پڌري آهي: ”سانن وڙهندي، ٻوڙن جوکو.“ اوچتو هڪڙو ٻُجو، گدڙ کي لڳو، جنهنڪري ڦوسيءَ وانگي ساهہ نڪري ويس. جهڙي ريت: ”آئي سگڻ کي، پر ڪن ٻہ وڍائي ويئي.“

سياڻا چوندا آهن: ”لالچ کي پنج آڱريون آهن. ڪم مهل ٻہ آڱريون اکين تي رکي، انڌو ڪري ۽ ٻہ آڱريون ڪنن کي ڏيئي ٻوڙو ڪري ۽ هڪڙي وات تي رکي گونگو ڪري، نہ-ڪرڻ-وارا-ڪم ڪرائي.“

(ور) نا تہ گدڙ کي اکيون وات ۽ ڪن هيا پر جوفي لڳي، انڌو، ٻوڙو ۽ گونگو ٿي، پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو هڻي، ري-ڪُٽيءَ مئو. تنهنڪري تو کي پڻ گهرجي جو: ”لالچ جهڙي ڇپيري ٻليءَ کي ٻجڙو جاڻي، ڳرانس (ڪانئس) اهڙو پاسو ڪر، جهڙو پاپي ڪري ڌرم کان ۽ ڌرمي ڪري پاپ کان.“

**بيت**

لالچ جهڙي لچ ڪي، ڦيري ڏي ڦاهي،
جوفي منجهان جيءَ ڪي، جوکو ئي آهي،
طمع جي تنوار جو، ڊول ڇڏج ڊاهي،
لالچ کي لاهي، جُتي هڻ جهانَ ۾.

### ١-٩ ڳالهہ نائين: گدڙ ۽ لوڪڙي جي.

گدڙ هڪڙو بکايو، ڦوتَ جي ڳولا ڪاڻ جهنگ ۾ رليو. گهٽي ڳولا کان پوءِ، اوجهري ٻکر جي، جا بگهڙ هڪڙي اوباري هئي، ڏٺائين. جيتوڙي (جيتوڙيڪ) اوجهري پاروتي هئي، پر: ”بک ٻجڙو ٿول، دانا ديوانا ڪري.“ سياڻن جو چوڻ آهي:

**بيت**

بکيي کي بصر سان، روٽي رکيائي،
سيري کان سواد ۾، ڏيڊي سوائي.

گدڙ، اوجهريءَ کي چڱو تول ڄاڻي، ڪٽي هليو. وات تي ڦيڪاري (ڦشري-خور) هڪڙي اچي مليس. ٻئي گڏجي، اوچتو فقير هڪڙي جي اوتاري وٽان لنگهيا، جاتي فقير جا ڪڪڙ گهڻا تي چڳيا. پر فقير کي دوا لاءِ گدڙ جو پتو گهربو هيو، تنهنڪري گدڙ جي ڦاسڻ ڪاڻ اوتاري جي چوڌاري ڦڙتيون منڍي (ڪوڙڪيون هڻي) ڇڏيون هيائين. هيڏي گدڙ کي، فقير جا ڪڪڙ ڏسي، وات پاڻي ٿيو. ڀانيائين ته اوجهري اتي رکي، ڪڪڙ هڪڙو وٺي. تنهن کي ڦيڪاريءَ چيو: ”هن طرح سادو سودو ڪاج هٿان ڇڏي، اُوچي جي پنيان ڊوڙڻ سياڻپ جو ڪم نه آهي ۽ هن ريت پراون ڪکن ۾ اک رکڻ، پنهنجي جٿي ڪاڻ جوکو وهائڻ آهي.“ ڏاها چوندا آهن:

## بيت

سکو ٽکر ساءَ جو، چڱو ۽ چوکو،
لعنت ان لبيءَ کي، جنهن ۾ جيءَ-جوکو.

پر گدڙ کي لوڀ، انڌو گونگو ٻوڙو ڪري ڇڏيو هئو. تنهن ڪري ڦيڪاريءَ جي سمجهاڻي، اهڙي سنديس دل تي بيني، جهڙو پاڻيءَ تي ليکو. ۽ قبي (گنبد) تي ڪينهون (بال). نيٺ اوجهري ڇڏي، ڪڪڙ جو لوڀ ڪري، اوتاري ڏي هليو. ويندي سان ڦڙتيءَ ۾ ڦاٿو. ڪڪڙ هٿ اچڻ بدران، فقير جهلي، پتي ڪڍڻ لاءِ، پيٽ ڦاڙيس. ڦيڪاري هيءُ حال ڏسي، ڪلي چوڻ لڳي ته: ”جاتي لوبي هجي، تاتي نوڳي بک نه مري.“ جي گدڙ لوڀ نه ڪري ها ته فقير نڳ هٿان چو پيٽ ڦاڙائي ها. ڏسو لالچ جو ڪم، جنهن گدڙ جو پيٽ ڦاڙايو. تنهنڪري ڄاڻجي تو: لوڀ بڇڙو آهي. جيڪو ساٽس وهنوار رکندو، تنهن جو حال گدڙ جهڙو ٿيندو. تنهن ۾ تو کي گهرجي، جو طمع جهڙي ڪني رن کي طلاق ڏي، ۽ پاڻ کي آجو (آزاد) رک. جي منهنجيون ڳالهيون ٻڌي پاڻ کي لوڀ کان بچائيندين ته سدائين سکي رهندين ۽ گهڻو مانُ لهندين.

## بيت

جن ڪديو جان مان، طمع کي تاڻي،
لعنت هڻي لوڀ کي، ڇڏيائون ڄاڻي،
انهن کي آڻي، هوت ويهاري هنج ۾.

# ٢-٠ ٻيون باب: ڪوڙ جي ڳالا جو

## ٢-١ ڳالھ پهرين: شخص هڪڙي جي چور ڪان ڦُرجڻ جي.

شخص هڪڙي، اڌ رات جو پنهنجي گهر ۾ پيهي، دانهن ڪري چيو: ”گهوڙا! چور ڙي چور.“

اها دانهن ٻڌي، پاڙيوارا ماڻهو اچي گڏ ٿيا.

تڏهن چيائين: ”چرچا ٿي ڪيم.“

تنهن ڪري سڀ ڪو وڃي گهر وينو.

ٿورن ڏيهاڙن ڪان پوءِ هڪڙي رات، چور سندس گهر ڦُرڻ لڳا. تڏهن چور چور ڪري ٻاڪاريائين. جيتوڻيڪ اها ٻاڪار، گهڻن ٻڌي. پر سيڪنهن ڄاتو: ’هيءُ اڳي پڻ اهڙا چرچا ڪندو آهي.‘ تنهن ڪري ويجهو ڪو نه آيس. چور دلجاءِ ڪري، ڦُري ويندا رهيا.

ڏسو ڪوڙ ڳالهائڻ جو چيئو. جيڪو هيڪر ڪوڙ ڳالهائڻ ۾ پڌرو ٿئي، تنهن جي سچي ڳالھ تي پڻ ڪو نہ وسهي. تنهنڪري ڪوڙ ڳالهائڻ ڏاڍو بڇڙو آهي.

سياڻا چوندا آهن: ”ڪوڙ ايمان جي ڪتر آهي.“

تنهن ۾ جي تو کي ايمان جو بچاءُ گهرجي، ڪوڙ ڪان اهڙو پاسو ڪر، جهڙو چور ڪري پرياٽ ڪان.

**بيت**

جنهن جي هيڪار، ڪيائين ڪوڙي ٿئي،
تنهن تي پيهار، سچي ساک نہ وسهان.

## ٢-٢ ڳالھ ٻي: زال جنهن ڪوڙو مڙس قبول نہ ڪيو.

زال هڪڙي، ڪنهن ڳوٺ ۾ مڙس هڪڙو سهڻو ڏسي، ساڻس پرڻجڻ جي دل ڪئي. پر مڙس جي دل پرڻجڻ تي نہ هئي. جيترو زال سعيو ڪيو، تيترو مڙس نہ مڃيو. سياڻا چوندا آهن: ”دل ڪوٺي، عذر گهڻا.“

نيٺ زال جڏهن مڙس کي پائي (تپائي) ڪنيو، تڏهن مڙس داءُ گسائڻ لاءِ چيو: ”آءٌ چور آهيان.“

زال، چورُپڻ قبول ڪيو.

تڏهن مڙس جوئا، حرام، شراب ۽ ٻيا طرح طرح جا عيب، پنهنجي نالي چيا.

زال انهن سيني عيبن سوڌو، ساڻس پرڻجڻ باسيو.
تڏهن مڙس چيو: ”ڪوڙ پڻ ڳالهائيندو آهيان.“
اها ڳالهه ٻڌندي، زال چيو: ”ڪوڙي مڙس جي سهاڳ کان رناپڻ جو ڏهاڳ چڱو.“
ڏسو ڪوڙ جو مانُ! جو زال مڙس جا ٻيا عيب سڀ باسيا، رڳي ڪوڙ کان ڀڳي. تنهنڪري ڪوڙ ٻجڙو آهي. تو ڪي گهرجي جو ڪوڙ سان وهنوار نه رک. سو ڪو ته (چاڪاڻ ته) ماڻهوءَ جو سچو ٻت ۽ ماس حرام ۽ رڳي جيءِ حلال آهي. پر ڪوڙ ڳالهائڻ سان جيءُ پڻ حرام ٿيو پوي. سو حرام وات ۾ رکڻ نه گهرجي.
مراد هيءَ آهي: ”ڪوڙ نه ڳالهائڻ گهرجي.“

## بيت

ڪوڙايون ڪوڙو ڪري، سڙيو ڪري نه سچ،
سوني جو سودو ڇڏي، ڪوڙ وِهائي ڪچ،
ٻريو ٻاري پاڻ لاءِ، ملامت جو مچ،
پِرائي تو پَچُ، لعنت سندو لوڪ ۾.

٢-٣ ڳالهه ٽين: ٻار جي، جنهن ڪوڙي جي گهر ٻُبو نه پيتو.
مڙس هڪڙو، ڪنهن ولايت ۾ ويو، جاتي ماڻهو ڏاڍي سيل ۽ سچائيءَ وارا هئا. اتي ڪو ڊول شول (نمونو شمونو) ڪري، هڪڙي زال سان پرڻيو. ٿوري گهڻي ڏهاڙي، ان زال مان پٽ ڄائس. هڪڙي ڏهاڙي، اها زال، ٻار کير-ڏائڪ کي پينگهي ۾ سمهاري، مڙس کي پارت ڪري، پاڻ ڪنهن ڪم لاءِ گهر کان ٻاهر نڪتي.
پر اتي ويرم، ڳچ جهڙي، لڳيس. ايتري ۾ ڇوڪر ٻک کان جاڳي روئڻ لڳو. تنهن کي پٽس نڳائڻ لاءِ ٻه ٽي ڀيرا چيو: ”مات ڪر! اجها ماءُ آيئي.“ ان ريت ڇوڪر کي مِهائڻ (پرچائڻ، پنيلائڻ) لاءِ ڪوڙ ڪري گهڻا پرڪا (ڀيرا، دفعا) ماڻس جي اچڻ جو دلاسو ڏنائين، پر ڇوڪر مات نه ڪئي.
ڳچ ويرم کان پوءِ زال گهر ۾ اچي پٽ کي ٻبو پيارڻ ويني، پر ڇوڪر ٻبو نه ڏاتو ۽ ڏٽيءَ جي قدرت سان اهو ٻار، کير-ڏائڪ، ڳالاٽو (گفتو) چيائين: ”ماٽم (منهنجي امڙ) جي اچڻ ۾ ويرم (دير) هئي ۽ پٽم ڪوڙ ڪري سندس اچڻ جا دلاسا مون کي ٽي ڏنا، تنهنڪري اهڙي ڪوڙي جي گهر ۾ ٻبو ڪين ڏائيندس.“ اها ڳالهه ٻڌي اها زال پڻ مڙسس کان وِرتي (بيزار

تي). نيٺ ڳوٺ جي سکرن (پريا مڙس، چڱا منا) گڏجي ان کوڙ ڳالهائڻ جو ڏوهه مڙس تي ورجائي (هٽي) زال جي پچر چڏايائونس.

ڏسو کوڙ ڳالهائڻ جو رنگ جو ويچاري ريءَ-جاتي رڳي ٻار جي مهائڻ لاءِ تورو کوڙ ڳالهايو، تنهن جو حال اهو ٿيو، جو زال پٽ سوڏي وڃائي وينو. تڏهن ڳٽي ڏسو تہ جو جاٽي واٽي کوڙ کندو، تنهن جو کهڙو حال ٿيندو.

تنهن ۾ تو کي جڳائي جو کوڙ کي برو ڄاڻ. پهچي سگهئي تہ سپني ۾ پڻ، کوڙ نہ ڳالهاءِ. چڱن چيو آهي: "سچ سون ۽ کوڙ ٽامون آهي." جي تورو ئي ٽامون، سون ۾ گڏجي تہ سڀ سون مَنو ليکجي. تهڙي ريت کوڙ تورو پڻ، گهٽي سچ کي کوڙو کري. جهڙيءَ طرح سنباڻ جو ڦڙو، کير جي چاڏيءَ کي کٽو کري. تنهن ۾ تو کي واجب آهي تہ پنهنجي سچ جي گهر کي، کوڙ جي ٻاهہ کان بچاءِ! سو کو تہ (جڏهن تہ) ٻاهہ توري بہ ساڙ گهٽو کري. منهنجو چوڻ مڃيندين تہ واهہ، نہ تہ کلارو ٿيندين.

**بيت**

سڙيو سچائي چڏي، کوڙو کري کوڙ،
مُنو ان مرم ۾، موڳو چو نہ مري،
کريو کند ڦٽي کيو، وِهُ ۾ وات پري،
چڏي سونو سچ، جو کنجهو کوڙ ڏري،
ٽريو کين ٽري، گڏهہ ان گوهيءَ کان.

## ٢-۴ ڳالهہ چوٿين: مريد ۽ پير جي

مريد هکڙي، پنهنجي پير جي چاکري گهٽي کئي هئي. هکڙي ڏينهن پير مٽس راضي ٿي چيس: "گهر! جيکي گهرٽو اٿئي."

مريد هٿ ٻڌي چيو: "ڏٽيءَ جي گهر سوال کري، ڏوهہ اُسراڻ (معاف) کرائي ڏي."

پير، ڏٽيءَ جي در سوال کري، جواب لهي، مريد کي چيو: "ڏٽيءَ وٽان ٻيا ڏوهہ سندءِ سڀ اسراڻ ٿيا، باقي هکڙي ڏيهاڙي پينار تنهنجي در سين هنئي، ان مهل واندو وينو هئين، پر کوڙ کري پينار کي چيئي: 'هٿ واندو نہ آهي، پِنَ کين ملندئي.' پينار ٺلهو (سکٽو) وري (موٽي) ويو. اهو کوڙ ڳالهائڻ جو ڏوهہ اسراڻ نہ ٿيندو. سو کو تہ (ڇاکاڻ تہ) کوڙ جهڙو پاپ ۽ سچ جهڙو ڌرم کو نہ آهي."

ڏسو، کوڙ جو حال، جو ڏٽيءَ جي دربار ۾ کهڙو اڻ وٽندڙ آهي. تنهن ۾ کوڙ ڳالهائڻ، پاڻ کي ڏٽيءَ اڳيان ڏوهاري کرڻ آهي. کوڙ کان پاسو کرڻ چڱو آهي.
سياڻن جو چوڻ آهي: ”کوڙ جو مُسلو کوڙ، کوڙ جي منهن ۾ ڌوڙ.“

**بيت**

کوڙ کري، کوڙي کي ڦکو،
کوڙ ڏئي، کوڙي کي ڌکو.
کوڙ پتي، کوڙي جي پاڙ،
کوڙ کري، کوڙي سان جاڙ.
کوڙ کري، کوڙي کي کوڙ،
کوڙ وجهي، کوڙي کي ڌوڙ.
کوڙ کپت کي، لڌي چڌ،
ساڻ سچائيءَ، گڏي اڌ.
کوڙو کوڙائيءَ سان، جيکي ڳالهائي،
پنهنجي هٿان پاڻ کي، مُنهِن چائي پائي.

## ٢-٥ ڳالهه پنجين: جان کرلينگ صاحب ۽ وڏي ماڻهوءَ جي

جن ڏهاڙن ۾، هالن جي ڊپٽي صاحب بهادر جي آفيس ۾ هيڊ منشي تي حضرت جان کرلينگ صاحب بهادر جي خدمت ۾ گذران کيم، تن ڏهاڙن ۾ سنڌ جي وڏن ماڻهن مان هکڙو، صاحب جي ملاقات لاءِ آيو. تنهن کي، صاحب گهڻو آدر ڏنو. ڳچ ويرم (جهٽ گهڙيءَ) کان پوءِ ڳالهيون ٻولهيون کري، جڏهن موکلائڻ لڳا تڏهن هن وڏي ماڻهوءَ آيارڻ جي ريت سان، صاحب کي چيو: ”آءٌ صاحب جو نوکر آهيان.“
صاحبُ (رب)، مونکي ياد کان نه وساري. تڏهن صاحبَ (آفيسر) پڻ اوترا اکر واري (ورائي) چيس.
پر هن جي وڃڻ کان پوءِ، صاحب ڏاڍا ارمان کاڏا ۽ فرمايائين: ”کوڙي جي سنگ لڳي، پنهنجي زبان جو ماڻُ وڃائي مون پڻ کوڙ کري چيس: ’آءٌ سندس نوکر آهيان.‘ تنهن کري ڀانيان تو جو (تہ) هيءَ منهنجي زبان نرڳ (جهنم) ۾ ويندي. سو کو تہ (چاکاڻ تہ) آءٌ سندس نوکر کين آهيان. رڳي کوڙي خوشامد کري چيو اٿم.“

ڏسو مڙسن جون سچايون. جو ڪوڙ ڪان ڪهڙي بچان تي لڳين. سچ تہ مڙس ڪي پنهنجي زبان ڪي مانُ ڏيڻ ۽ ڪوڙ ڪان پاسو ڪرڻ گهرجي. سو ڪو تہ (ڇاڪاڻ تہ) ڪوڙ پت وڃائيندڙ ۽ ڏٽيءَ جي در ڏوهاري ڪندڙ آهي. تنهنڪري تو ڪي پڻ گهرجي جو ڪوڙ ڪان پري ڀڄ.

## بيت

ڪري ڪم ڪُپت جا، بُرو بُريءَ پَرِ،
ٽڙيو ٿيئي ڪينڪي، سچائيءَ سان سَرِ،
ڇوڙي سندرو سچ جو، ٻڌي ڪوڙُ ڪمر،
سڙيو سڙي سچ ڪان، ڪري ڪوڙُ ڪُپَرِ،
ڏٽي ڏيهہ ڏمر، اچي اهڙي هاج ڪان.

# ٣-٠ ٽيون باب: ماٺ جي ساراهه ۽ بڪ جي گلا جو

## ٣-١ ڳالهه پهرين؛ ڪڇون ۽ ٻن پکين جي

پکي ٻه ڍنڍ جا، نر ۽ مادي، هڪڙيءَ ڍنڍ ۾ گذاريندا هئا. تن سان ڪڇون هڪڙي جي ياراڻي لڳي. هڪڙيءَ مند ۾، ڏٽيءَ جي حڪم سان، اها ڍنڍ سڪي رهي. تنهنڪري پکين جو توڙي ڪڇون جو ڍءُ نہ ٽڪيو. ٽِڻ لڳو. تڏهن پکين، ٻيءَ ڍنڍ تي وڃي، آکيري جوڙڻ ۽ گذر ڪرڻ جو پاڻ ۾ پَهُ ڪيو. ڪڇونءَ کي پکين سان گڏ اڏامڻ جي سامرٿي (صلاحيت) نہ هئي ۽ يارن ڏاران سڪي سر تي ڏهاڙا ڪاٽڻ اهنجا لڳس، تنهن ڪري پکين کي چيائين؛ ”مون کي هت هيڪلو ڇڏڻ اوهان کي نہ گهرجي. سياڻن چيو آهي: ’ڏکيا ڏيهاڙا جن سان، سکيا ٻيي تن سان.‘“

پکين کي اها ڳالهه ٻڌي، يارُ سچ ۾ هيڪلو ڇڏڻ چڱو نہ لڳو. تنهنڪري پاڻ ۾ پهه ڪري ڪانيءَ هڪڙيءَ جا ٻئي مٿا پنهنجن ڪلهن تي رکي، تنهن جي وچ کي ڪچونءَ کان چڪ پارائي، ڪٽي اُڏاڻا.

اوچتو ڪنهن ڳوٺ جي مٿان لنگهيا. ڳوٺ جا ڇوڪر تپرس (عجب) جهڙي هاج ڏسي، تاڙيون وڄائي هڪڙا ٻين کي چوڻ لڳا: ”هيڏي ساري ڪڇونءَ کي، پکي ڪٽي وڃن ٿا.“

ڪڇون اها ڳالهه ٻڌي، چڙي چيو: ”ٻوڏ! ٻاڙيا! اوهان جو ڇا وڃي ٿو؟“

اها ڳالهه چوندي، ڪڇونءَ جو وات ڦاٽي ڪانيءَ مان چڪ نڪرڻ ۽ ڌرتيءَ تي ڪرڻ. ڇوڪرن ڪڇون کي ڌرتيءَ تي ڪريو ڏسي، لٺين سان هٽي ماري وڌو.

ڏسو ڳالهائڻ جو چيئو! جي ڪڇون ان مهل ماٺ ڪري رهي ۽ نہ ڳالهائي تہ پنهنجي يارن کان وڇڙي چو ڇوڪرن جي هٿان مري.

مطلب هيءُ جو (تہ): ”صبر چڱو ۽ بڪ بڇڙي آهي.“

تنهنڪري تو کي پڻ گهرجي جو ٻين جي اجائي سجائي ڳالهائڻ کي نہ ڏسي، ماٺ ڪري پنهنجو ڪم ڪر.

**بيت**

صبر سچائي سير، ماٺ مرم ڪر ماٺپو،
تنهن جو نہ ڳُسي تير، صبر جنين سينگ ڪيو.

## ٣-٢ ڳالهه ٻين؛ گلاب جي گلن جي

شخص هکڙي، گلاب جا گل بنيءَ تي ڪڙهندا ڏسي، پڇين: ”کهڙو ڏوهه ڪيو اٿو، جنهنڪري اوهان کي باهه تي ساڙي تا چڪائين.“
گلن چيو: ”ادا! ماٺ ڪر! تون پڻ نه ڳالهاءِ. ڳالهائڻ، اسان جو هيءُ حال ڪيو آهي. سو ڪو نه (چاڪاڻ ته) جاسين چپَ پيڙي ماٺ ۾ هياسين، تاسين ڪنهن ڪين تي چيو. جڏهن چپ پٽياسين تڏهن باغائيءَ هٿان هيءُ ڏک ڏٺاسين.“
ڏسو: وات پٽڻ جو ڳڻ، جو گلن چيو! وات پٽڻ جي مراد: ڳالهائڻ آهي. يعني ڳالهائڻ جو ڪٿيو جو گلن ڪاڍو، سو ٻڌءِ.
تنهنڪري چاٽجي ٿو:
”ماٺ، وڏو ٿول آهي.“ جهڙيءَ ريت، داٺو ڏرتيءَ ۾ ماٺ ڪري رهي، نيٺ سنگ ٿو ٿئي.
وري ”بک ڏاڍي بچڙي آهي.“ جهڙي طرح تِڏو بک ڪري، پنهنجو ميجالو ٿو ڦاڙائي.
تنهنڪري ٿو ڪي گهرجي: ”ماٺ ۾ رهُ. نه رهين ته تورو ڳالهاءِ.“

## بيت سوال

اڙي گل گلاب جا، ادا اوري اچ!
موڪو آهين منهن ۾، ڳريو آهين ڳچ،
چو سڙين جا ڪي ڳرين، صاف ڳٽي سؤ سچ،
مٿئون جرُ جاري اٿئي، هينان مَٿُئي مَچُ،
کهڙو ڪيئي ڪَچُ، جو سُهمون سهين سيڪ جون.

## بيت جواب

سورهيہ هن سوال جو، سڻ جواب جُڙي،
جاسين ڪچيم ڪين تي، ڏيئي بوٺ ٻُڙي،
تاسين ڪنهن نه تات ڪئي، پهتو ڪو نه پُڙي،
جڏهن چوريم چپَ کي، منجهان ماٺ مُڙي،
تڏهن ڪري ڳاج ڳُڙي، باغائيءَ ٻٺِ وڌو.

## ٣-٣ ڳالهه ٽين: ڪانءَ ۽ گدڙ جي

ڪانءَ هڪڙو، ٽڪر ماس جو چهنب ۾ ڪري، وڻ تي وينو هيو. گدڙ هڪڙي، ماسُ ڪانءَ جي وات ۾ ڏسي، ارمان ڪيو. دل ۾ ڳڻتي ڪيائين ته، ڪو ڊول (ڪيڏُ) ڪري ڪانءَ جي وات مان ماس ڇڏائجي ته چڱو.
اهو پهُ ڪري، وڻ هيٺ اچي، ڪانءَ جي ساراهڻ لاءِ چوڻ لڳو: "ڪهڙو سهڻو پکي، ڏٺيءَ جوڙيو آهي. جنهن جا ڪنپ توڙي پير، توڙي چُهنب، سڀ سهڻا آهن. ڄاڻجي ٿو جو (ته) هن جي ٻولي ته ڪا گهڻو چڱي هوندي. پر جاسين نه ٻڌبي تاسين ارمان رهندو."
ڪانءَ اياڻي، گدڙ جي لنڊي خوشامد ٻڌي، ڊُوهَ (مڪر) کي نه سمجهي هامدي (حامي واري) پنهنجي ٻولي ڪان ڪان ڪئي. ٻولي ڪندي، واتُ پٽجي، ماس جو ٽڪر ڪري پيس. گدڙ ڊوڙي ماس ڪٽي چيو: "ٻولي ٻڌڻ ۾ ايترو ڪم هئوم."
ڳالهائڻ جو ڇيئو، ڪانءَ پاتو، سو ڏنوَ. جي ڪانءُ ان مهل نه ڳالهائي ته ڇا لاءِ پنهنجو قوت هٿان وڃائي.
تنهنڪري تو کي گهرجي جو ٻين جي للي پتي (ڪوڙي تعريف) ڏي نه نهار. ماٺ ڪري، پنهنجي ڪم ۾ پورو رهه.

**بيت**

صبر سدائين سَرهو، بري بڪ بلاءِ،
ڳٺي اِنهين ڳالهه کي، مَن کي ماٺ ملاءِ،
صبر سان ۽ سيل سان، جوڙ جُسو ڪر جاءِ،
ڪُڇ پُڇ ڪنهين سان ڪينڪي، ٻولي ٻي نه ٻڌاءِ،
ڪنان بڪ بچاءِ، ڄاڻي پنهنجي ڄڀ (زبان) کي.

### ٣-۴ ڳالهه چوٿين: موتيءَ جي

موتيءَ هڪڙي ڪان پڇيائون: "قد تنهنجو ننڍو، ملهه گهڻو ٿو ڪرين: سو ڇو؟"
موتيءَ چيو: "ملهه ۽ مانُ، قد جي وڏائيءَ ننڍائيءَ تي نه آهي. جهڙيءَ ريت هاٿي گهڻو وڏو پر حرام ۽ ٻڪري گهڻو ننڍي پر حلال آهي. (تهڙيءَ طرح) منهنجي ملهه جي گهڻائيءَ جو سبب هيءُ آهي جو گهڻا ڏيهاڙا، سِپَ جي پيٽ ۾ ماٺ ڪيو (وينو) هوس. تڏهن ڄاڻائن اتاهون ڪڍي، گهڻي مانَ سان، وڏو ملهه رکيو."
ڏسو ماٺ جو ۽ ڳالهائڻ جو ڦير، جو موتيءَ چيو.

تنهنڪري ماٺ جو ملھ مھانگو آهي. سياڻا چوندا آهن: ”صبر جنين سينگ، تير نہ گسي تن جو.“
تنهنڪري تو کي پڻ گهرجي تہ: ”صبر جهڙي سوکڙيءَ کي، بک جهڙي ٿَٿَ وکر تي نہ مَٽِ.“

### سوال بيت پرائو

موتي ڪر مذکور تون، ڪيئن پهتين پرينءَ کي،
تون لُڏين لال لبن تي، مون پلپل پون پور،
ساري عمر سور، مون طلب ۾ تالان ڪيا.

### جواب بيت پنهنجو

منهن ويڙهي ماٺ ڪيم، پَئي منجھ پاتال،
ڪچيم ڪنهن سان ڪين تي، سالن سندا سال،
تڏهن پلي ڪيا پال، جو لُڏان لال لبن تي.

### سوال بيت پرائو

موتي هن مذکور جي، ڳالھ نہ ڪرين ڪا،
پيو هئين پاتال ۾، لهرن لک لنگهيا،
تو کهڙا ڪم ڪيا، متي بينيءَ بنئين.

### جواب بيت پنهنجو

منو پانيم ماٺ کي، صبر رکيم سيني،
اڄ اجوٽي ڪنهن سان، ڪچيو مون ڪينهي،
تنهنجي تابيني، وتان چش چپن جي.

## ٣-٥ ڳالھ پنجين: بناري جي ڳڏھ جي

بناري هڪڙي جي ڳڏھ کي پنيءَ تي چُتو پئو، تنهن کي ڪانون نونگا هٽي تي ڦاڙيو. بناري پَهُ ڪيو تہ ڳڏھ جي پني، اڳڙيءَ سان ڍڪي ڪانون کان بچائجي. پر اهڙي اڳڙي هٽ ڪا نہ آيس ۽ هڪڙي پراٽي کل، شينهن جي، گهر ۾ رکي هيس. تنهن سان ڳڏھ جي پٺِ ڍڪي ڇڏيائين. ڳڏھ ان کل سوڌو هڪڙي هاريءَ جي پوک ۾ ويو. هاري پريان، شينهن جي کل ڳڏھ تي ڏسي، شينهن ڄاڻي ڊنو ۽ پوک ڇڏي ويو. ڳڏھ دلجاءِ سان ٻني کاڌي. هن ريت ڏهاڙي ڳڏھُ، هاريءَ جون ٻنيون کائيندو رهيو. تنهنڪري تورن ڏهاڙن ۾ گهٽو تلهو ٿيو ۽ هڪڙو هرڻ بہ اچي ساٿس ڳڏيو، سو پڻ ڳڏھ سان ڳڏ ٻنيون چري تلهو ٿيو. ٻنين جا ڌڻي،

هرڻ کي بہ شينهن جو يار ڄاڻي، لوڌي نہ ٿي سگهيا. جهڙيءَ ريت، حمائتڻ گڏھ عراقيءَ کي لتون هڻي. پر سياڻا چوندا آهن: "ڪميڻو، ڏيءُ نہ جهلي".

هڪڙي ڏهاڙي، گڏھ پنهنجي پراڻي پرِ ياد ڪري هينگ ڏني، تنهن کي هرڻ چٽر ڪري چيو: "ڏاڍو چڱو راڳ ٿو ڄاڻين. هيءُ راڳ ڪنهن کان سکيو آهين".

گڏھ چيو: "ڏيڏر، ڏٽي مرهيس، منهنجي راڳ جو استاد آهي".

تڏهن هرڻ ڪلي چوڻ لڳو: "اهڙي گروءَ جو اهڙو چيلو (هئڻ) گهرجي".

نيٺ هرڻ، ٻئي راڳ ڪرڻ لاءِ چيس. گڏھ ڳهيلو، هرڻ جي ڪِلَ تي نيڳرجي ويو ۽ وڏي سڏِ، هڪڙي هينگ ڏنائين. سا، هاريءَ ٻڌي، گڏھ کي سهي ڪري، ڪنهن ڊول سان ڦاسائي، ٻڌو. گڏھ، گهٽا ڏهاڙا، سندس ٻني ڪاڻي هئي، تنهن ساڙ کان، پيچ ۽ ڪن وڍي ڇڏيائينس.

ڳالهائڻ جو سُود اهو آهي جو گڏھ پاتو. نا تہ جاسين ماٺ ڪيو ٿي وتيو، تاسين پاڻ تہ سکي هيو پر سندس اجهي ۾ ٻيو پڻ سکي ٿي رهيو. ۽ ڳالهائڻ سان هُو حال ٿيس.

تنهنڪري، ماٺ سڀ کان چڱي آهي. ڏاهن چيو آهي: "صبر، دارو سور جو".

تنهنڪري تو کي پڻ گهرجي جو بڪ بڪ ڇڏي، ماٺ ۾ رھ. سو کو تہ (ڄاڪاڻ تہ): "بڪ، بڇڙي آهي".

## ڪافي

منجي ماٺ پلي ڪري ڪوھ نہ ويهين، بڪواد بري، ڇڏ چوھ چنان،
اَٿئي صبر، سدا سرهو سهڻو، بڪواد گهٽا ڪري ڪاڄ ڪِنان.
جاسين ماٺ ڪري، مکڙي نہ ڪلي، تاسين آرائين اچي ڪين جهلي،
جڏهن وات پٽي، ڪيائين ڪيلُ کُلي، تڏهن باھ ڏيئي، ڪيائون ٻاس ٻنان.
آهي ماٺ جو ماڻُ ۽ مُهت وڏو، بڪواد جو آهي، جندُ جانِ جڏو،
موتي ماٺ ڪري مُلھ ماڻُ لڌو، سِپَ واتُ پٽي، سرُ ساھُ ڏِنان.
جو ئي ڳالھ ڪري، سو پوي پجري، جو نہ ڳالهائي، سو کُليو ڪائي،
ٻڌي ٻولُ ٻابيهي جو، ٻولِ نکي، ٻڌي ٻوت کي ماٺ ۾ رھ مجنان.
جو تو ماٺ رهي، سو تو ماڻُ لهي، جو تو ڳالهائي، سو خطا ڪائي،
ڏسي ڏوھ صواب، ادا ان جا، جا اچيئي انصاف، سا ڪر امنان.

## ۴-۰ چوٿون باب: ٻچڙي ڪم مان خرابي ٿيڻ جو

### ۴-۱ ڳالھ پھرين: ڪوريءَ ۽ چاڪيءَ جي

ڪوري هڪڙو، ڪپڙي جي جوڙي وڪڻڻ لاءِ ڪٽي، زال ڏُڪل (پيٽ سان) ساڻُ ڪري، ڪنهن ڳوٺ ۾ وجي، زال کي چاڪيءَ هڪڙي وٽ ويهاري، پاڻ بزار ڏي ويو. ايتري ۾ چاڪيءَ زال کي، گھاٽي هڪلڻ تي ويهاريو. پر زال، چڱيءَ طرح گھاٽو ڪين ڪاهيو. تنهنڪري چاڪيءَ ڪاوڙجي، لت هڻي، ٻارُ ڪيرائي وڌس.

ڳچ ڪان پوءِ، ڪوريءَ اچي اهو حال ڏسي، ڳوٺ جي ڊِڳي-دار (چڱي مڙس) وٽ دانهن ڪئي. ڊڳي-دار، چاڪيءَ کي گھرائي، پڇيو. چاڪيءَ، ڏوھ پنهنجو باسي، چيو: ”ڪوري، پنهنجي زال کي چڏي وجي ته واري اوترن مهينن جي ڊِڪي ڪري ڏيانس.“

ڊڳي-دار، چاڪيءَ جي ڳالھ کي نياءُ پورو جاڻي، بحال ڪيو.

ڏٽيءَ جي وڏائي! انڌ ڌنڌ ننگري، چرٻٽ راجا، ٽڪي سير ڀاجي، ٽڪي سير ڪاجا.

سياڻا چوندا آهن: ”جنهن ڏيھ تي، ڏٽي ڪوپُ اچي، سو ٻي سمجھ ڊڳي-دار جي هٿ ۾ ڏيئي.“ نا ته هيءُ نياءُ پورو آهي، اهڙو جهڙو ڏنپ ڏيڻ واري سور کي ملم.

نيٺ، ڪوري ويچارو، اهو نياءُ ڏسي، ماٺ ڪري، زال پنهنجي وٺي، ويندو رهيو.

تورن ڏهاڙن ڪان پوءِ، انهيءَ ڳوٺ ۾ هڪڙي واپاريءَ جي گھر جي ڀت ڪري ته هيٺ هڪڙو مسافر مري پيو. ساڳئي ڊڳي-دار، اها ڳالھ ٻڌي، ڀت جي ڏٽيءَ کي گھرايو. تنهن عذر ڪيو: ”فلاڻي رازي، ڀت ۾ ورُ ڪيو هو، تڏهن ڪري آهي.“

ڊڳي-دار، رازي کي ڏوهاري سمجهي، گھرايو. رازي عرض ڪيو: ”ڀت جوڙڻ مهل، ڀت جي ڏٽيءَ جي جوءِ، سينگار ڪيو ويني هئي. تنهن تي اک پيم. تنهنڪري ڀت ۾ ڦير تي پيو.“

تنهنڪري ڊڳي-دار، اها زال ڏوهڻ سمجهي، سڏائي. زال چيو: ”ان مهل، فلاڻي پاتوليءَ ڳھٽا پوئي آندا هيا، سي پهري تي ڏنم.“

تڏهن ڊڳي-دار، پاتوليءَ کي ڏوهاري سمجهيو ۽ سڏائي پڇيائينس. سو ويچارو، ورندي نه ڏيئي سگھيو.

تڏهن ڊڳي-دار، ان تي ڏوھ جمائي، ڦاهي چاڙهڻ جو حڪم ڏنو. ڪوتارن، ان کي ڦاهيءَ واري هنڌ نيئي، ڳچيءَ ۾ نوڙي وڌي. پر نوڙي ڳچيءَ ۾ پوري نه آيس. سا ڳالھ، ڊڳي-دار کي سڻايائون. تنهن چيو: ”جنهن کي ڳچيءَ ۾ پوري اچي، تنهن کي وجي ڦاهو ڏيو.“

ڏٽي سپ ڪم جو جاڻندڙ ۽ نياءُ ڪندڙ آهي.

### بيت

بندو برائي ڪري، لڪيو لڪائي،
آڳي اڳيان، ان جي آگاهي آهي.

ڏٽيءَ جي قدرت سان، ڪوٽارن جي ڳولا پٽ-اندر، ان ساڳئي چاڪيءَ جي ڳچيءَ ۾ نوڙي پوري ٿي. تنهن کي وجي، ڦاهيءَ چاڙهيائون.

ڏسو: ڪرٽيءَ جو حال. جهڙي ڪو ڪري، اهڙي لهي. چاڪيءَ بڇڙي ڪئي، جيتوڙي دڳي-دار، نياءُ پورو نہ ڪيو، پر چاڪيءَ، جيئين تيئين، پنهنجو ڪيو پاتو. تنهنڪري متان پانئين تہ ڪيئو نہ لوڙيندين.

سياڻا چوندا آهن: ”بڇڙي ڪري، چڱي ڪو نہ پائي، ٻٻر پوکي، انب ڪو نہ کائي.“
تنهنڪري تو کي گهرجي: ”چڱو ڪر تہ چڱو ڏسين، جي پهچي نہ سگهين، تہ بڇڙي نہ ڪر.“

### بيت

بڇڙو بڇڙائي ڪري، هر هر هچارو،
ندورو نيڪيءَ ڪان، ٽريو ڪري ٽارو،
ڪريو ڪٽي پاڻ تي، بديءَ جو بارو،
چلولو چڱي گهري، موڳو منهن ڪارو،
اڪن سان آرو، ڪري باس بهار جو.

## ٢-۴ ڳالھ ٻين: سوداگر جي جوءِ جي

سوداگر هڪڙي جي جوءِ، پنهنجي ٻانهي تي عاشق ٿي. بڇڙي ڪم لاءِ، ٻانهي کي گهڻو چيائين. پر هُن نہ مڃيو. تڏهن زال ٻانهي جي بڇڙي ٽيڻ لاءِ ڪوڙُ ٻَڌي، پنهنجي مڙس کي چيو: ”ٻانهي حراميءَ، بڇڙي ڪم جي لالچ ڪري ساڻس هٿ چُراند ڪئي آهي.“

سوداگر ڳهيلي، رن جي ڪوڙ کي، سچ ڄاتو. هيئن نہ ڄاتائين: ”رنون، مڪر جنون، تنتر تار ڪن، رڏيون پڪيون ڪونجڙيون، اڏائي ڏين.“

اها ڳالھ دل ۾ رکي، گولي جي مارائڻ جو پَهُ ڪري، نهريوار (ڪاسائيءَ) هڪڙي کي، پنج ڏھ روپيا باسي چيائين: ”سانجهيءَ مهل، جيڪو منهنجو ماڻهو، گوشت وٺڻ لاءِ اچي، تنهن

ڪي کهي، سسي وڍي رکج، گهڙيءَ ڪن ڪان پوءِ ٻيو ماڻهو ايندءِ، تنهن کي اها سسي ويڙهي ڏج.“

سانجهيءَ مهل سوداگر، رن جي چئي، ٻيڏوهي ٻانهي کي، گوشت آڻڻ جو مِنهن ڪري، ڪسڻ لاءِ ڪاسائيءَ ڏي موڪليو. گولي ويچاري کي ڪسڻ جي پهه جي سُڌِ ڪا نه هئي. ڏٽيءَ جي چوڻ موجب، گوشت لاءِ ٻاسڻ ڪٽي هليو.

ڏٽي، حق وڪيل آهي. واٽ تي هڪڙو پراڻو يار، ٻانهي کي گڏجي ويو. تنهن سان ڳالهين ۾) لڳي، ٻيهي رهيو. اوچتو سوداگر جو سالو، رن جو ڀاءُ، اتاهون لنگهيو. ٻانهي دل ۾ ڄاتو جو متان گوشت وڪامي وڃي ۽ يار جو ڇڏڻ پڻ اڻانگو لڳس. تنهنڪري سوداگر جي سالي کي منت ڪري پنهنجي پاران گوشت لاءِ موڪليائين. ڪاسائيءَ ان کي سوداگر جو موڪليل ڄاڻي، اندر وڃي، کهي، سسي ويڙهي رکي.

ڳچ ويرم ڪان پوءِ ٻانهو، يار جي ڳالهين ڪان واندو ٿيو. پر گوشت جي اچڻ ۾ ويرم ڏسي، پاڻ ڪاسائيءَ وٽ ويو. تنهن کي ڪاسائيءَ، ٻاسڻ ۾ گوشت ۽ ڪپڙي ۾ ويڙهيل سسي ڏني. اهي ڪٽي آٽي پنهنجي ڏياٽيءَ کي ڏنائين. رن پنهنجي هٿ ۾ ڀاءُ جي سسي ڏسي تپرس جي ڪوهه ۾ ٻڏي ويئي ۽ ٻانهي کان پڇيائين. تنهن پيرائتي ڳالهه ڪري سڻايس. رن اهو حال ٻڌي ٻيوسي چيو: ”سياڻن سچ چيو آهي: ’ڪرند، پسند.‘ ’ڪوري کڏ ڪٽي پر پاڻ پوي‘.“

ٻڌو ڪرٽيءَ جو حال. جي رن ٻي ڏوهي ٻانهي جي مارائڻ لاءِ پهه نه ڪري ته چو ڀاءُ مارائي نِيائي (بنا ڀاءُ جي) ٿئي. تنهنڪري ڄاڻجي ٿو: ”جو ٻيڙي ڪندو، سو چڱي ڪڏهن ڪين لهندو.“ سو ڪو ته (ڄاڪاڻ ته) چڱائي، لهڻو ۽ مدائي، ڏيڻو آهي. تنهن ۾ جيڪو قرض ڪڻندو سو ڀريندو.

ٻڌو هوندئي: تنهنجي جمڻ مهل، هڪڙي تو رنو ٿي ۽ ٻين گهڻن ڪليو ٿي. هاڻي جيئڻ جا ڏهاڙا پڻ اهڙا لنگهاءِ جو مرڻ جي ويل تون هڪڙو خوش رهين، گهڻا تو کي ياد ڪري روئن. منهنجو چوڻ ايترو اٿئي جو ڪنهن سان ٻيڙي نه ڪر. جي سياڻو آهين ته اهو چوڻ گهڻو اٿئي: ”تنوءَ کي ٿارو، تازيءَ کي اشارو.“ نا ته تون ڄاڻُ (جلد) پنهنجو راڏو (پوڪيل) لڻندين.

**بيت**

هتان هلندين هيڪلو، هٿ ڪٽي ڏاتو،
پوکِي لڻندين پانهنجي، سُوڏو سُواتو،

سانباهو سوير ڪر، پوءِ نہ پاڇاتو،
ڪم نہ ايندءِ ڪو ٻيو، سهرو ڪي ڇاتو،
واڌو جي گهاتو، پاڻ پريندين پنهنجو.

## ٣-٤ ڳالھ ٽين: نيت ۽ مراد جي

پينار هڪڙو، ڪنهن ڳوٺ ۾ پنندو هو. سين هيءَ هٽندو هو: ”جهڙي نيت، تهڙي مراد.“
ان ڳوٺ ۾ هڪڙي بناري، نيت نالي، هئي. تنهن جي ڌيءُ جو نالو مراد هو. سا فقير جي سين ٻڌي، ڇاٽندي هئي: ”فقير جيڪس ڇاٽي ٻجهي، ماءُ-ڌيءُ، ٻنهي جي نالي، ڳلا تو ڪري. اها ڳالھ دل ۾ رکي، ڌمرجي پھ ڪيائين تہ پينار کي وهَ گڏيل ڪاڄ (ڪاڌو) ڪارائي مارجي.
ان ريت ڪاڄُ، وهَ گڏيل، جوڙي رکيائين. پر پينار جي اچڻ ۾ ويرم ٿي ۽ پاڻ ڪنهن هاج (ڪم) لاءِ گهر کان ٻاهر نڪتي. ايتري ۾ مڙسس، ٻڪائجي، گهر ۾ اچي ڪاڄ ڳولي، اهو ڪاڄ وهَ-ڳاڌڙ لهي، ڪائي، مئو.
بناري وري (موٽي) اچي، هيءُ حال ڏسي، پينار جي سين ياد ڪري چيو: ”سچ جهڙي نيت، تهڙي مراد. جو پينار جي مرڻ جي نيت ڪري، مڙس جي مرڻ جي مراد ڏٺم.“
ڏسو ٻچڙيءَ جو حال. جو جهڙي تو ڪري، سو تهڙي تو پري. جي رن بناري، پينار جي مارڻ جي رٿ نہ ڪري تہ ڇا لاءِ جڙيو ڪيو ڪوڏن جهڙو مڙس مارائي، رناپڻ جو سور سهي ۽ جيڏين سرتين ۾ پاڻ کي رن چوائي.
تنهنڪري چاڻُ: ”ٻچڙي جو آڳو پيڇو، ٻچڙو آهي.“
تنهن ۾ منهنجو چوڻ ڳنڍ ٻڌج: ”ٻچڙي ڪري، چڱي ڪڏهن ڪين پائيندين.“
ڏاهن جو ٻول آهي: ”ڪنڊا پوکي، ڳل ڪو نہ چُٽي، جَوَ پوکي، ڪٽڪ ڪو نہ لُٽي.“

### بيت

ٻُرو ٻرائيءَ سان وڌائي وهنوار،
ڪوجهو ان ڪمن ڪان، ڪريو ٿئي خوار،
لعنت جو لڏي ڪٽي، ٻُغديءَ وانگي ٻارُ،
ٻدي جي ٻدران، مگّي موچاري مردارُ،
ڪريو ڏيئي ڪارُ، گهري ڪائڻ ڪندٻ جو.

## ۴-۴ ڳالھ چوٿين: سچي ۽ ڪُبي هٿ جي

سچي هٿ ۽ ڪبي هٿ جي، پاڻ ۾ چؤپچؤ ٿي. سچي چيو ڪبي کي: ”آءٌ ڏاتو ڪٽي، جيڪو سنگ لُٽان سو سڀ تون ڪٽين وڃين ٿو. سو ڇا لاءِ جو، ڪٽي هڪڙو، ڪائي ٻيو. جهڙي ريت: ’مار ڪائي پولو، ڪٽيو ڪائي فقير.‘“

ڪبي چيو: ”ياد هوندءِ جو جڏهن تو ۽ منهنجي ڏاٽيءَ اها ساڳي ٻني پوکي ٿي، تڏهن تو هر جو مُنيو جهلي ڪيڙ ٿي ڪئي ۽ مون ان جا داڻا، ناڙيءَ ۾ ٿي وڌا. تنهن ڪري هاڻي، لُٽڻ مهل پڻ، هر جي مٺ بدران تو کي ڏاٽي جو ڳن ۽ مون کي داڻن جي بدران سنگ ملن ٿا. سو ڪو نہ (ڇاڪاڻ تہ) هيءَ ڳالھ پڌري آهي تہ، جو هٿ ڪري، سو هٿ پري. تنهن ۾ ٻڇڙي ڪري، چڱي جو سوس (اميد) رکڻ، اهڙو آهي جهڙو اڪ جي وڻ مان انب ڳولڻ.“

ڏسو ڪرٽيءَ جو ڪم، جو سچي هٿ چيو ڪبي هٿ کي.

تنهن ڪري تو کي پڻ گهرجي جو چڱا ڪم ڪر، ٻڇڙيءَ کان پڄُ تہ نيٺ چڱو ٿيئي.

هڪڙي پهاڪو چيو آهي: ”ڪري سو پائي، فقير ڪير ڪند ڪائي“.

### بيت

ندورو نيڪيءَ ڪان، پري رکي پاڻُ،
ٻڇڙيءَ بدناميءَ کي، سٽيو وتي ساڻُ،
مُنو مدائيءَ جو، موڳو پري ماڻُ،
چريو چڱائي گهري، ڄاڻي ڪين اَجاڻُ،
انبن جو اهڃاڻُ، اڇيو ڳولي اڪَ ۾.

## ۴-۵ ڳالھ پنجين: ريس-مُئيءَ پناٽيءَ جي

ريس-مُئي نالي هڪڙي پناٽي جوان ۽ گهڻو سهڻي هئي ۽ ٻچو نالي پناڻُ، سندس يار هو. سو لڪ ڇپ ۾ ساڻس گهاريندو گذاريندو هو. ٻچي نالي ٻانهي، ريس-مُئيءَ جي، گهڻو ٻچڙي صورت هئي. تنهن کي ڏسي، ٻچو پناڻ عاشق ٿيو. جيتوڻڪ ٻچي، پنهنجي آڳي اڳيان (مالڪياڻيءَ آڏو) سونهن ۾ اهڙي هئي جهڙو سج اڳيان ڪرڪٽ. پر عشق نہ پڇي ذات. پناڻ جي دل، جيتري ريس-مُئيءَ سان هئي تنهن کان وڌ ٻچيءَ سان لڳي. جهڙيءَ ريت:

## بيت

**کنهن جو اگهي کوڙ، کنهن جو سچ بہ سهمن گاڏئون،**
**کنهن جي ماني کري نہ مور، کنهن جو ٽُکر تو ٽيٽا کري.**

نيٺ توري گهٽي ڏهاڙي، پناڻ ۽ گوليءَ جو پاڻ ۾ ناهہ نهيو. هکڙي ڏهاڙي پناٽي گهر ۾ کا نہ هئي. پناڻ ۽ گولي، پڙُ پالهو ۽ گهر واندو ڏسي، پاڻ ۾ پيالا نوالا پي کائي، گڏ تي ستا ۽ نشي جي مارئي ننڊ اچي وين ۽ پناٽيءَ جي اچڻ جو ڊپ، دل تان لهي وين. سو کو جو (چاکاڻ تہ)؛ "ننڊ، موت جي پيڻ آهي".

اوچتو پناٽي گهر ۾ اچي، بچيءَ کي يار سان ستل ڏسي، ريس ۾ مئي. سچُ جي هن ريت ريس ۾ نہ پرجي تہ ريس-مُئي جو نالو پويس.

نيٺ رن پناٽيءَ کاوڙجي، پناڻ کي مارائڻ جو پهُ کري، ناس وهَ جي جوڙي، نڙيءَ ۾ وجهي، پناڻ جي نک تي رکي، نڙيءَ جو ٻيو پاسو پنهنجي وات ۾ کري، پانيائين تہ ڦوک ڏيئي، پناڻ جي کاپار ۾ وجهي.

**مارائڻ واري کان رکڻ وارو ويجهو آهي.**

سچ سياڻا چوندا آهن؛ "**بندي جي من ۾ هکڙي ۽ صاحب جي من ۾ ٻي**".

ڏٽيءَ جي حکم سان، اوچتو پناڻ کي ڇک آئي. جنهن جي زور سان، ناس سڀ، اُبتي پناٽيءَ جي ميجالي ۾ چڙهي وئي. جنهنکري رن پناٽي مري رهي. جهڙي ريت هکڙو پهاکو آهي؛ "**مارينديءِ ميئي، ميئي متي پہ آئي**".

ڏسو! جو ٻئي جي بڇڙائيءَ جو جوڙ جڪ کري ٿو، تنهن جو حال اهڙو تو ٿئي. رن پناٽي جيکس پنهنجي مرڻ لاءِ ناس جوڙي هئي. جا لاءِ جو جيکڏهن پناڻ جي مارڻ لاءِ ناس نہ جوڙي ها تہ جو ان ناسَ جي وگهي پاڻ ناسُ ٿئي ها.

تنهنکري ڄاڻجي تو تہ جو چڱائيءَ جو توڙي بڇڙائيءَ جو پهُ کري ٿو، سو پاڻ لاءِ.

تنهنکري تو کي پڻ گهرجي جو کنهنجيءَ بريءَ جو جوڙ جڪ نہ کر تہ متان ريس-مُئيءَ جو حال ٿيئي.

## بيت

بُري گُهر نہ کنهن جي، بُري برائي،
چڱو چڱن جو چوڻ، چڱي چڱائي،
جو پوکي جائي، سا ئي لُٽي سو سهي.

# ٥-٠ پنجون باب: ري استاد ڪم ڪرڻ مان گھاٽي جو

## ٥-١ ڳالهه پهرين: پولڙي جي حجامت جي

شخص هڪڙي، پنهنجي حجامت، پاڪيءَ سان پاڻ ٿي جوڙي. پولي هڪڙي، هيءُ حال ويني ڏٺو. جنهن مهل هو شخص، پاڪي رکي ٻاهر نڪتو. تنهن مهل پولي، هنڌ واندو ڏسي، پاڪي کڻي، ڏاڙهي کوڙڻ لاءِ، ڪاڏيءَ تي رکي زور ڏنو ته پاڪيءَ ڪاڏي ۽ نڙگھٽ وڍي وِڌس. جنهن ڪري مري پيو.

جيڪو اڻ-ڄاتي-ڪم ۾، ري-پُڇيي، هٿ وجهي، تنهن جو حال ان پولي جهڙو آهي. هو پولو جو اڻ-ڄاتي-ڪم ۾ هٿ نہ وجهي ها تہ چو مري جند وڃائي ها.

تنهن ۾ تو کي پڻ گھرجي جو استادن جي گُرِ (ڏَسَ) کان سواءِ، ري-ڄاتي-ڪم ۾ هٿُ نہ وجهہ، متان پولي وانگي پنهنجا هٿ ويري ٿيئنين.

سياڻا چوندا آهن: ”هنر واري جو هنر ڪپي، بي هنر جي جند ڪپي.“

**بيت**

ري رستي استاد جي، جيڪو ڪم ڪري،
سڙيو سنواري ڪينڪي، ويتر ڪريو ڪري،
موڳو ماڻُ چمارَ جو، پڙوو پليو پري،
رُليو رَندن وچ ۾، موڙهيو مفت مري،
اٿس پنڌ پري، ري رستي رهبر جي.

## ٥-٢ ڳالهه ٻين: ڄٽ جي ترار جي

هڪڙي ڄٽ جي ترار کي ور پيو. سو ور لهرائڻ لاءِ، لُهر وٽ کڻي ويو. لهر، اڌ رپيو پورهيئي جو ونئي، ترار کي نڪ جي سامهون جهلي، ور تي نگاهہ ڪري، آڱر جي زور سان ور لاهي ڏنس. ڄٽ، اهو حال ڏسي، ارمان ڪاڌو. پانيائين جو ترار جو ور لاهڻ سؤلو آهي. اجايو اڌ روپيو لُهر کي ڏنم.

ٿورن ڏهاڙن ڪانپوءِ، وري ترار کي ور پيس. تڏهن لهر جي هاج کي ياد ڪري، پنهنجي اَجاڻائيءَ کان ترار کي نڪ تي رکي، زور ڏنائين تہ زور جي ڏيڻ سان نڪ وڍجي پيس.

ڏسو جو اڻ-ڄاتي ڪم ۾ ري-سيکت استاد جي، هٿُ وجهي، تنهن جو حال اهو ٿو ٿئي. جيڪڏهن ڇٽ ري-ڄاتي، ترار نڪ تي رکي زور نہ ڏئي ها تہ اجايو پنهنجي هٿان، پنهنجو نڪ نہ وڍي ها.

تنهن ۾ تو کي گهرجي جو ري-ڄاتي ڪم کي ويجهو نہ وڃ. متان ڇٽ وانگي بڇڙو ٿين. هن ڳالهہ لاءِ هڪڙو پهاڪو آهي: ”**جنهن جو ڪم، اهو ئي ڪري، ٻيو ڪري تہ گهاٽو پري**.“

### بيت

ڪچو، ڪم ڪچا ڪري، موڳو پنهنجي مَتِ،
سمجهي سُڄاڻن ڪان، گُڏيو وڃي نہ گَتِ،
سمجهو سمجهي پاڻ کي، پلو پليءَ پَتِ،
پنهنجي پتي پَتِ، ري-اولي استاد جي.

### ۵-۳ ڳالهہ ٿين: ڇٽ طبيب ڪان زال مرڻ جي

ڇٽ هڪڙو، طبيبي سکڻ لاءِ هليو. واٽ ۾ ڏنائين جو هڪڙو جٽ، اُٺ ناچگو، ڏاهي وٽ وٺي آيو هو. ڏاهي، اُٺ کي ڏسي، جٽ ڪان پڇيو: ”اُٺ متان وليون چنيون آهن؟“

جٽ چيو: ”سچ گدرن جي ولين ۾ هڪڙي ڏيهاڙي چنو هو. تنهن ڪان پوءِ ناچگو ٿي، چرڻ پيئڻ ڇڏيو اٿس.“

تڏهين ڏاهي سهي ڪيو تہ اُٺ جي نڙگهٽ ۾ ڪو پتو اَڙيو آهي. تڏهن اُٺ کي نڙگهٽ تي مڪ هٽي، واٽ ۾ پاٽي نايو تہ پتو ڦسي، اُٺ جي پيٽ ۾ ويو.

اُٺ چڱو ڀلو ٿيو.

ڇٽ اهو حال ڏسي دل ۾ ڄاتو: ”طبيبي ايتري آهي، جا سکيس.“

دل ۾ پاڻ کي طبيب ڄاڻي، ڪنهن ڳوٺ ۾ ويو، جاتي هڪڙي ٻدي زال ناچگي هئي. ڳوٺ جي ماڻهن، ڇٽ کي ويج ڄاڻي، زال جي ٻڪيءَ لاءِ ڪيس نيو. ڇٽ، زال کي ڏسي، اُٺ واري ڳالهہ ياد ڪري، سندس مائٽن ڪان پڇيو: ”هن گدرن جون وليون ڪاڏيون آهن؟“

هنن چيو: ”نہ.“

تڏهين ڇٽ چيو: ”جاسين اها ڳالهہ نہ ٻاسيندا، تاسين زال کي ٻڪي ڪا نہ لڳندي.“

ويچارن ڳوناڻن، ڇٽ جي چريائيءَ کي سياڻپ ڀانئي، چيو: ”وليون ڪاڏيون اٿس.“

تنهن مهل جٽ، زال کي نڙگهٽ تي مک هٽي، وات ۾ پاٽي نايو. ان مهل زال ويچاري، بيڏوهي مري پئي!

سچ آهي: ”اڌ-پڙهيو ويج، جان جو ڏپ. اڌ-پڙهيو ملو، ايمان جو ڏپ.“

اها ڳالهه ٻڌي، ڏيهه-ڌٽيءَ جٽ کي ڦاهيءَ ڏياريو.

اڻ-ڄاتي ڪم ڪرڻ جو حال اهو آهي. جي جٽ اڄاڻ، اهڙي اجاٽائي نه ڪري ته ڇا لاءِ ويچاري زال کي ماري ۽ پاڻ ڦاهو کائي.

تنهن ڪري، ري-ڄاتي ڪم ڪرڻ مان، ڪنهن کي ڳڻ (چڱائي) نه ٿيئي.

تو کي پڻ گهرجي جو استاد جي سکڻ کان سواءِ، ري ڄاتي ڪم ۾ هٿ متان وجهين. نا ته هن جٽ وانگي ٻچڙو ٿيندين.

**بيت**

عقل سان استاد جي، موتي وجھ ماڳ،
جڏي ناست نندِ جي، سمجھي رھ سجاڳ،
پلو ھجيئي پاڳ، تہ ونج اَڙَ استاد جي.

## ۴-۵ ڳالهه چوٿين: باندر جي ڪاٺ چيرڻ جي

واڍي هڪڙي، ڪاٺ هڪڙو، ڪرٽ سان ٿي چيريو. ڳچ ٽڪر چيري، چير جي ويڪرائيءَ لاءِ چِپَر ڏيئي، تنهن ڪان پوءِ ٻيو ٽڪر چيري، اتي ٻي چپر هٽي، متين چِپَر ڪديائين ٿي. هن ريت ڪم ٿي ڪيائين.

پولي هڪڙي، هيءُ ڪم ويني ڏٺو. هڪڙي مهل واڍو، اوزارن سوڌو ڪم ڇڏي، کاڌي ويو. پولو، پڙ پالهو ڏسي، ڪاٺ تي چڙهي، واڍي وانگي چيرڻ لڳو. پر ڪاٺ تي ويهندي، آنورا ڪاٺ جي چير ۾ لنگهي پيس. ٽڪر ڪاٺ جو چيري، واڍي وانگي متين چپر ڪڍي ورتائين. پر هيٺ واري چپر وجهڻ ڏانءُ نه آيس. تنهن ڪري ڪاٺ جو چير پورجي ويو. تنهن ۾ آنورا اٽڪي رهيس. جيترو کي زور لاتائين پر ڇُٽي نه سگهيو ۽ اتي ئي ڦٿڪي مئو. جهڙيءَ ريت:

**بيت**

”هنجهن سان حرص ڪري، اڏاٽي چڙي،
ڇٽون هئس چنهنب ۾، سو بہ پيس ڪري.“

ڏسو ري-ڄاتي ڪم ۾ هٿ وجهڻ جو ڦر، جو پولي ڪاڏو. جي ڀاڙيو چريائي ڪري پرائي هاڄ ۾ ري-ڄاتي هٿ نہ وجهي تہ ڇو ري-ڪُٽيءَ اجايو مري.

تنهنڪري ڀانئجي ٿو جو اڻ-ڄاتي پرائو ڪم ڪرڻ، پاڻ لاءِ جنجل وِهائڻ آهي. تنهن ۾ تو ڪي جڳائي جو ڄاتي آهر، پنهنجي ڪم ۾ پورو رهُہ. ري-ڄاتي پرائي ڪم ۾ هٿ نہ وجهہ. نا تہ پولي وانگي مرندين. اڳتي تون ڄاڻ. چوڻ مون وس، ٻڌڻ تو وس.

بيت

موڳو پنهنجي مت تي، ڪري ڪمائي،
ري-اولي استاد جي، آهي اجائي،
سا ئي سَٺائي، جنهن ۾ اَڙَ استاد جي.

## ۵-۵ ڳالهہ پنجين: ڄٽ طبيب ڪان شهزادي مرڻ جي

ڄٽ هڪڙو، ٿورا ڏهاڙا، طبيب هڪڙي وٽ، ٻيلي (نوڪر) هيو. طبيب جي حال چال ڏسي، پاڻ ڪي بہ طبيب ڄاتائين. جيڪي پنج ڏهہ رپيا، پورهيي ڪارهيي جا ڳڏ ڪيا هيائين، تن جا لٽا ليڙا ڪري، طبيب جو ٻيلپو ڇڏي، هڪڙي شهر ۾ وڃي طبيب جُڙي وينو. ٻن ٽن ماڻهن جي جي ڪوڙي سچي دوا ٻُڪي ڪيائين. جيتوڙي تہ ٻُڪيون، ڏُوار (مرض) ڪي پوريون نہ ٿي ڄاتائين، پر:

بيت

ڪنهن ويلي ڪو ڇوڪر، ڪدي هٽي ڪانُ،
بنا ڄاتي بي عقل، نِهوڙي نيشان.

ماڻهو ڇٽي پئا. تنهن ڪري شهر ۾ سندس ناماچار گهڻو ٿيو ءِ ماڻهن ڪي ڄٽ جي طبيبيءَ تي گهڻو ويساهہ وڌيو.

جهڙي طرح: اجاڻ، ڦتڪيءَ ڪي مصري ڄاڻي. ان شهر جي راجا جي نياڻي ناچڱي ٿي. جنهن جي دوا ٻُڪي ڪرڻ لاءِ، گهڻا ويڄ طبيب سڏي پُڇائين پر ڪنهن ڏُوار ڪي نہ ٿي سڃاتو ءِ ڪنهن جي دوا مان سڪر نہ پئي ٿي. تنهن ڪري راجا گهڻي ويماس (پريشانيءَ) ۾ هيو.

آڳاٽو هڪڙو طبيب، راجا جو نوڪر هيو. پر وڏتڻ ڪان انڌو ٿيو وينو هيو. راجا ان ڪي سڏائي، ڇوڪرِ جو حال ڏيکاريو. تنهن ناڙَ (نبض)، ڇوڪرِ جي ڏسندي، ڏُوار ڪي سڃاڻندي چيو: ”آڳاٽو، هن ڏُوار جي چِٽڻ جي معجون جوڙي هيم. تنهن مان ڳچ جهڙي فلاڻي طرح جي دٻليءَ ۾ پيئي آ. راجا جي دواخاني ۾ رکي آهي. پر اکين سواءِ سڃاڻي نہ سگهندس.“

اوچتو، تنهن مهل، هو جت طبيب وينو هو سو دبلي ۾ دوا جي سجاڻ جي هام هڻي، اتي دواخاني ۾ ويو. پر، انڌي کي دانگي ۾ آهري هڪ جهڙا. جٿ، طبيب جو اهجاڻ ياد ڪري، ان جهڙي هڪڙي دبلي ڪڍي آيو. تنهن مان ٿوري ڇوڪرِ کي کارايائين. جيڪس ان دبليءَ ۾ ڪا دوا وِهُ ڳڏيل هئي، جا جٿُ پلجي ڪڍي آيو هيو. سا ڪائيندي، ڇوڪرِ مري پيئي.

هيءُ حال ڏسي، راجا ڪاوڙجي، جت کي ڦاهيءَ ڏياريو.

ڏسو اڻ-ڄاتي ڪم ڪرڻ جو حال. جي جٿُ، اڻ-ڄاتي ڪم ۾ هٿ نه ڳڏي ته ڇا لاءِ راجا جي ڌيءُ، جا پيءُ جي ڏاڍي پياري هئي، مري ۽ ڇو پاڻ ڦاهو کائي.

تنهن ۾ ڄاڻجي ٿو جو جيڪو ري-ڄاتي ڪم ۾، استاد جي پڇي بغير، هٿ وجهندو، سو هن جٿ ڳهاءِ پنهنجو متو اجايو وڃائيندو.

تنهن ڪري تون پڻ ري-ڄاتي ڪم ۾ هٿ نه ڳڏ ۽ جي پنهنجو ڀلو گهرجيئي ته استادن کان وات پڇي ڪم ڪر ته سٺائي ٿيئي.

بيت

اڇي نه استاد کان، پُرجهي وني واٽ،
موڳو پنهنجي مت تي، گهڙي وينو گهاٽ،
اهڙا ڪوڙي ڪاٽ، جنهن مان جوکو جيءَ جو.

بيت

ري-رستي استاد جي، ٻڌي بادي ٻمَ،
موڳو منجهاٽو وتي، دليان هڻي دمَ،
ڪري ڪچا ڪمَ، جنهن مان سِرُ سوريءَ ڏئي.

# ٦-٠ ڇهون باب: لُچن سان چڱائي ڪرڻ مان گهاٽي جو

## ٦-١ ڳالھ پهرين: فقير ۽ نانگ جي

فقير هڪڙي، سياري جي ڏينهن ۾، سپ هڪڙو پاري ۾ ڏڪندو ڏٺو. تنهن تي ٻاجھ ڪري، سيءَ لاهڻ لاءِ ڪٽي پنهنجي هنج ۾ ڪيائين. ڳچ ڪان پوءِ، سپُ ٻوڏِ ۾ اچي، پاڻ کي ماڻهوءَ جي هنج ۾ ڏسي، پنهنجي پراڻي هير ياد ڪري، فقير کي ڏنگ هڻي، ماري وڌو.
ڏسو ٻچڙي سان چڱائي ڪرڻ مان گهاٽو، جو فقير پاتو. سچُ سياڻن چيو آهي: "ٻچڙي سان چڱائي، جهڙي چڱي سان ٻچڙائي." تنهن ۾ يي سپ سان ڪهل، جهڙو ماڻهوءَ سان وير. ڇاڪان (ڇاڪاڻ) جو نيٺ، سپُ ماڻهوءَ جو ويري آهي. سياڻا چوندا آهن: "سَپهو، نہ وِسَهو، وِسَهو تہ مُسَهو."

**بيت**

ڪهلپ ڪميڻن سان، جهڙو سانڊڻ سَپُ،
منجهان مهر مَدَنِ جي، ڊاءُ گهٽو ۽ ڊَپُ،
مَدَنِ متي مهر جو، متان چورين چَپُ،
شابس اتي چا ڪري، جاتي ڪکن ڪپُ،
جو ڪم ڪري ڪَپُ، آگر اَجائي اُتي.

## ٦-٢ ڳالھ ٻين: سوار ۽ نانگ جي

سوار هڪڙو، واٽ وني تي ويو تہ جهنگ هڪڙي کي، چوڌاري باھ لڳي هئي. تنهن جي وچ ۾ نانگ هڪڙو ڪامندو (سڙندو) ڏسي، دانهن تي ڪهل ڪيائين ۽ توبرو گهوڙي جو، نيزي جي ڪانيءَ ۾ وجهي، نانگ کي ويجهو ڪيائين. تنهن ۾ نانگ ويڙهجي وينو. تنهن کي باھ کان بچائي، ڪڍي، سمجهائڻ لڳو: "مون تو کي باھ کان بچايو آهي. تنهن ڪري اڄ کان پوءِ متان، ڪنهن کي ڏکوئين."
تڏهن نانگ چيو: "ماڻهن کي گهرجي تہ نانگ کي ڏسي مارڻ ڏاران نہ ڇڏين ۽ نانگ پڻ پڄنديءَ آهر، ماڻهوءَ کي جيئرو نہ ڇڏي. تنهن ۾ تو پنهنجي ذات جي پَرِ ڇڏي، مون کي باھ مان ڪڍيو آهي. آءٌ پنهنجي ذات جي ريت ڪين ڇڏيندس. تنهن ۾ تو جهڙي ڪَپُٽَ کي، جو پنهنجي ذات جو ڌرم ڇڏي، جيئرو ڇڏڻ پاپُ آهي. تنهن ڪان سواءِ هن جهان جي ريت آهي:

جيڪو چڱائي ڪري، تنهن سان بڇڙائي ڪجي. تنهنڪري تو کي ڏنگڻ ڏاران ڪين ڇڏيندس.“
سوار، اها ورندي ٻڌي، نانگ کي چيو: ”ٻيون جيڪي ڳالهيون، تو چيون سي سڀ سچ، پر چڱائيءَ جي بدران برائي ڪرڻ نه گهرجي.“
تڏهن نانگ پنهنجي ڳالهه سچي ڪرڻ لاءِ، سوار کي ساڻُ ڪري، جهنگ ڏي هليو، جاتي هڪڙي مينهن بيٺي هئي. تنهن کان نانگ پڇيو: ”چڱائيءَ بدران ڇا ڪجي؟“
مينهن چيو: ”آءٌ فلاڻي پاڳيي جو مالُ آهيان. جنهن کي طرح طرح جا ڦر ڄڻي ڏنم ۽ گهڻا کير ڪٽا پياريم. پر جڏهن ڪراڙي ٿي، ويامڻ کان رهيس، تڏهن گهر مان لوڏي، جهنگ ۾ ڇڏيائين. هاڻي جڏهن وس ۾ جهنگ جا گاهه ڪائي، تلهي ٿي آهيان، تڏهن ڪاسائيءَ کي ڇُڪائي (اگهه طئي ڪري) ڏنو اٿس. تنهن ڪري پانيان ٿي جو چڱائيءَ بدران بڇڙائي ٿيندي آهي.“
سوار ويچارو، اها ڳالهه ٻڌي، ماندو ٿيو.
تنهن وچ ۾ اوچتو گدڙ هڪڙو، اچي نڪتو. نانگ، پنهنجي ڳالهه سچ ڪرڻ لاءِ، گدڙ کان پڇيو: ”چڱائيءَ جو بَدرُ ڇا ڪجي؟“
تڏهن گدڙ چيو: ”جاسين ڳالهه جو مطلب نه ٻڌندس، تاسين ورندي ڪين ڏيندس.“
تڏهن سوار چيو: ”نانگ کي ٻاهه مان بچايو اٿم. تنهن جي بدران ڪائي ٿو.“
گدڙ چيو: ”نانگ کي تو ڪهڙيءَ طرح ڪڍيو هوندو ۽ ڪهڙيءَ ريت ڪڍي سگهيو هوندءِ؟“
تڏهن نانگ چيو: ”اها ڳالهه سچ آهي، جو سوار توبرو نيزي ۾ وجهي، مون کي ويجهو ڪيو، تنهن ۾ ويڙهجي وينس. سو ڇڪي، مون کي ٻاهه مان بچائي ڪڍيائين.“
تڏهن گدڙ تپرس ڪائي چيو: ”تون هيڏو سارو، هيڏڙي توبري ۾ ڪاٿي مائيو هوندين.“
تڏهن نانگ، پنهنجي ڳالهه سچ ڪري ڏيکارڻ لاءِ، توبري ۾ ويڙهجي سيڙهجي وينو. تنهن مهل، گدڙ جي ميچ موجب، سوار توبري جو ٻوٿ ٻڌي، لٺين سان هڻي نانگ ماريو. نيٺ نانگ، پنهنجي بڇڙائي لوڙي بڇڙو ٿي مئو ۽ سوار پنهنجي چڱائيءَ پٽاندر، پنهنجي جند بچائي ويو. ڏاهن جو ٻول آهي:

**بيت**

نيڪيءَ منجهان نيٺ، ڇوڏاري چڱي ٿئي،
بُري پائي بيٺ، چڱي ڇوڙي ڪو نه ڪو.

هن ڳالهہ جي هت آڻڻ جو مطلب هيءُ آهي جو ٻچڙي سان چڱائي ڪرڻ جو گهاتو اهو آهي، جيڪو سوار ڏنو. جيتوڻيڪ تہ سوار، پنهنجي جند، پنهنجي پلائيءَ جي وِتَ سان بچائي ويو پر گدڙ جي سياڻپ سان. جيڪڏهن نانگ جهڙي ٻچڙي کي باھ مان نہ ڪڍي تہ ڇا لاءِ هيترا گهپاٽا کائي، طبيبين تات پئي. گدڙ جهڙي گانڊوءَ جي، ٿوري-هابُ ٿئي. تنهن ۾ ٻچڙي سان پلائي ڪرڻ، پاڻ کان ٻُچڙيءَ جو ٻج پوکڻ آهي.

ڏسو جو مينهَن جي پلائيءَ ۾ ڦير ڪو نہ آهي. پر جي منيءَ ڌرتيءَ تي وسي تہ گل ۽ گاھ ڄاپن، جي ڪلر تي وسي تہ ڪنڊا ۽ ڪک.

تنهنڪري تو کي ڄڳائي جو ٻچڙي سان چڱائي ڪر. نا تہ هن سوار گهاءِ، آڏيڙا کائي، در در جو محتاج ٿي، پنهنجي جند بچائڻ لاءِ حيران ٿيندين.

**بيت**

کهلپ ڪميڻن سان، چٽي چريائي،
ڪرڻ مهر مدن تي، ماڳان موڳائي،
جهڙو پال پَٿونءَ (وڇون) تي پائڻ، پلائي.
جاتي ڪري ڪم جي، پادر پورائي،
جَسُ چوڻ جائي، آهي اَجائي اتي.

## ٣-٦ ڳالهہ ٽين: پولڙن ۽ گدڙ جي

پولا، ڳچ جهڙا، تڏ ۾ ڏڪندا وتيا ٿي. اوچتو، جهنگ ۾ ڪرڪٽ (ڪڙڪٻيتو، ٽندٽي) هڪڙو ڏٺائون. تنهن کي باھ جي چٽنگ جاٽي، ڪانا ڪک مٿس وجهي ڦوڪڻ لڳا. پر ڪڙڪٻيتي مان باھ ڪاتي ٻري. اوچتو گدڙ هڪڙو اتي آيو، تہ هي رنگ ڏسي ڪليو. تنهن کي ڪلندو ڏسي، پولن ڄاتو جو چٽر ڪري ٿو. تنهن لاءِ ڪاوڙجي گدڙ کان پڇيائون. گدڙ چيو: ”هيءُ ڪرڪٽ آهي. هن کي ٽاندو ڄاٽي، مٿس ڪک وجهي، باھ ٻارڻ لاءِ ڦوڪڻ، اهڙو آهي جهڙو منين سان واءُ مئڻ. تنهنڪري اجايو مٿو نہ کپايو.“

گدڙن پنهنجي اڻ-ڄاٽائيءَ ڪان، گدڙ جي ان ڳالهہ کي پڻ چٽر ڄاتو. ۽ گدڙ کي جهلي، چيري ڦاڙي، ماري ڇڏيائون.

ڏنو جو ڪميڻن تي ڪهل ڪري، گدڙ ڪتيو ڪاڻو. تنهنڪري ڄاڻجي ٿو جو ٻچڙن سان چڱي ڪرڻ، پاڻ لاءِ ڪنڊن جو ٻج پوکڻ آهي. تنهن ۾ تو کي گهرجي جو هن ڳالهين تي ڌيان ڪري، لچن تي ڪهل ڪرڻ کان پاسو ڪر.
سياڻا چوندا آهن: ”چتي ڪتي جي دوا؛ پتر.“

### بيت

ڪميڻن جي ڪهل کان، پري رکج پاڻ،
ڪري مهر مدن تي، اهڙو ڪو نہ اجاڻ،
جو پُرجهي پادر سان، تنهن کي ڏجي نہ ڏاڻُ،
سوٽي هجي ساڻُ، تہ گڏهه گوهي نہ ڪري.

### ٤-٦ ڳالهه چوٿين: شينهن، گڏهه، ڪانءَ ۽ گدڙ جي

هڪڙي جهنگ ۾، هڪڙو شينهن ۽ گڏهه ۽ ڪانءُ، پاڻ ۾ يار ٿي گذاريندا هيا. هڪڙي ڏينهن شينهن، شڪار ڏي ويو. گڏهه ۽ ڪانءُ وينا هيا تہ اوچتو گدڙ هڪڙي، اتي اچي ساڻن ڳالهيون ڪري، چيو: ”جيڪر مون کي پڻ پنهنجو يار ڪريو تہ چڱو.“
گڏهه اها ڳالهه ٻڌي چيو: ”ويري هڪڙو يي گهڻو ۽ سڄڻ هزار يي ٿورا.“
تڏهن ڪانءَ چيو: ”گدڙ جهڙي ڪميڻي کي پنهنجي سنگت ۾ آڻڻ، ڄاڻي (ڏسي وائسي) صحبت ۾ ڏُقيڙ وجهڻ آهي. ۽ چڱن جي صحبت ۾ لچ جو رهڻ اهڙو آهي، جهڙي کير ۾ موري. ۽ ٻڌو اٿم هڪڙي ڏقير، جهنگ ۾ ٻگهڙ جو ٻچو، ننڍڙو چورڙو ڏسي، مٿس ڪهل ڪري گهر ۾ آڻي، کير پياري نپايو. نيٺ هڪڙي ڏهاڙي ان ٻگهڙ، ڏقير کي ستو ڏسي، پيٽ ڦاڙي وڌو. تنهن وانگي گدڙ جي ياراڻيءَ مان نيٺ ڀلائي ڪا نہ ٿيندي.“
تڏهن گڏهه چيو: ”چڱائي ۽ ٻچڙائي، ڇئن طرحُن جي آهي. تنهن مان هڪڙي چڱائي چڱن سان، سا جهڙي گڏهن جي ڪنهڻي. هو هن کي ڪنهي ۽ هيءُ هن کي. ٻي ٻچڙي ٻچڙن سان، جهڙي ڪتن جي ويڙهه. هيءُ هُن کي ڦاڙي ۽ هُو هِن کي. هنن ٻنهي ڪمن ۾ نڪي ڏوهه، نڪي صواب. ٽين ٻچڙائي چڱن سان. جنهن جي ڪرڻ سان، ڏوهه وڏو آهي. چوٿين چڱائي، ٻچڙن سان. جنهن جي ڪرڻ مان نالو ۽ صواب وڏو ٿئي. تنهنڪري گدڙ جيتوڙي تہ (جيتوٽيڪ) ٻُڇڙو آهي، پر سياڻا چوندا آهن: ’هڪڙو گهر، ڏائڻ بہ ٽاري.‘ تنهن وانگي، گدڙ کي سنگت ۾ آڻڻ مان گهاتو ڪو نہ ٿيندو.“

تڏهن ڪانءُ چيو: ”ڪوڏي، گهٽو ڪي سُهٽي هجي، پر موتين جي سَرُ (لڙهه) ۾ وجهڻ نہ ڪپي. ۽ توهہ گهٽو ئي ناهوڪو هجي پر گدرن جي واڙيءَ ۾ پوکڻ نہ نهي. تنهن ريت گدڙ ڪي پنهنجي سنگت ۾ آڻڻ اهڙو آهي، جهڙو ڪيوڙن (ڪيلن) وچ ۾ ٻيرِ پوکڻ.“
نيٺ گڏهہ پنهنجي ڳالهہ اڳي ڪري، شينهن جي خدمت ۾ عرض ڪري، گدڙ کي پنهنجي يارن ۾ آندو. ان ريت ڳچ جهڙا ڏهاڙا گڏ گذاريائون جو گڏهہ جهنگ جا گاهہ کائي، پيٽ ڀري. گدڙ ۽ ڪانءُ، شينهن جي اوبر سوبر کائي گذارين.
هڪڙي ڀيري، ٻہ ٽي ڏهاڙا ساندهہ شينهن کي شڪار هٿ ڪو نہ لڳو. پر پنهنجي وڏائيءَ جي هٺ کان ماٺ ڪيو وتيو. ڪانءُ ۽ گڏهہ، هيڏي هوڏي جا داٽا ڪٽا، ڪک ڪانا کائي، ٽي گذاريو. پر گدڙ کي بک ماندو ڪيو. تڏهن شينهن ۽ گڏهہ جي پر پٺ، ڪانءُ سان پَهُ ڪيائين تہ جيڪڏهن گڏهہ کي شينهن جي هٿان مارائجي تہ سڄي سنگت جي بک لهي.
ڪانءُ اها ڳالهہ ٻڌي، گدڙ کي لعنت وجهي چيو: ”هن ريت، چڱي ڪرڻ واري جو ٻچڙو گهرڻ، حرامين جو ڪم آهي.“
گدڙ، اتي پنهنجو منهن ڪارو ڏسي، ڊوڙي وڃي گڏهہ پيڙو ٿيو. اوچتو پريان شينهن کي ايندو ڏسي، گڏهہ کي منهن، منهن ۾ ڏنائين، جهڙيءَ ريت ڪو هوري هوري ڳالهہ ڪري. پر ڳالهہ ڪا ڪا نہ چيائينس. جيتري ۾ شينهن اوڏو آيو، تيتري ۾ گدڙ ڀڄي، گڏهہ کان پري ٿيو. شينهن ايندي سان گڏهہ کان پڇيو: ”گدڙ، ڪن ۾ ڇا چيئي؟“
گڏهہ ويچاري، موران گدڙ جي واتان ڪي ڪين ٻڌو هيو. تنهن ڪين ٻاسيو. تڏهن شينهن شڪ پرجي، گدڙ کي پاسي ڪري پڇيو. گدڙ حراميءَ، ڪوڙ ڪري چيو: ”فلاڻو شينهن، جو تنهن جو ويري آهي، تنهن ڏي نياپو ڏنائين: ’اسان جو شينهن، هاڻي بک ماندو ڪيو آهي. جي اچڻو آهين تہ ويرم نہ ڪر.‘ پر مون نہ ٻاسيو.“
شينهن، اڳي بک چتو ڪيو هيو، ويتر هيءَ ڳالهہ ٻڌي، ڪاوڙيو. جهڙيءَ ريت، اڳي نچڻي، ويتر پيس گهنگهرو.
نيٺ شينهن، هٽي گڏهہ ماري وڌو. ڳچ ويرم ڪان پوءِ، ڪانءُ اچي گڏهہ کي شينهن جي هٿان مئو ڏسي، ڪلي چوڻ لڳو: ”هڪڙو چوي، ٻيو مڃي: تہ ان جو پورهيو، ڏٺي نہ پڄي، ۽ هيءُ چوي، هو نہ مڃي، تہ هُن جي اڳين پوئين وڃي. جي گڏهہ، منهنجو چوڻ وني، گدڙ کي پنهنجي صحبت ۾ نہ آڻي تہ هن ريت بيڏوهو، ڏوهَ-پَن جي نہ مري.“
حاصل ڳالهہ جو: ٻچڙي سان ڀلائي ڪرڻ مان ڳُڻُ اهو آهي، جو گڏهہ پاتو. تنهنڪري چڱو هيءُ اٿئي جو ٻچڙي کي آڏر نہ ڏي ۽ ٻچڙي جي سنگ ڪان پڻ پيچ.

بيت

ڪميٽن جي ڪهل جو، پڇي ڇڏج پيرُ،
ندورن جي نينهن کان، پري رکج پيرُ،
جيئن ٻہر مان ٻيرُ، تيئن نيڪي ندورن مان.

## ٦-٥ ڳالھ پنجين: باندر ۽ چيهي جي

رُوهيءَ جي ڏهاڙن ۾ پولو هڪڙو، سيءَ جو ماريو، ڏڪندو ڦرڪندو، وڻ هڪڙي هيٺ وڃي وينو. تنهن وڻ ۾ چيهي جو هڪڙو آکيرو هيو. چيهي باندر کي ڦرڪندو ڏسي چيو: ”آءٌ پکي، ٻہ-ڄنگهو آهيان. تڏهن بہ پنهنجي سُکي تي ويهڻ لاءِ آکيرو جوڙيو اٿم. جنهن ۾ سياري جي ڏوجهري کان بچيو وينو آهيان. تو کي ڏٽيءَ سپ لڳ ماڻهن جهڙا ڏنا آهن، تہ بہ پنهنجي ويهڻ لاءِ، ڏرِ توڙي آکيرو، ڪو نہ جوڙيو اٿي. جنهن ڪري تڏ ۾ ڏڪا تو کائين.“

پولي اها ڳالھ ٻڌندي، ٽپو ڏيئي، چيهي جو آکيرو ڇني، ڦاڙي، چيو: ”پنهنجو ڪين جوڙيان، پر پرائو ڊاهيان.“

ٻچڙي کي چڱي مت ڏسڻ جو اهو حال آهي. جنهنڪري ويچاري چيهي پنهنجو جڙيو آکيرو ڍهرايو. ڏاهن جو پهاڪو آهي، جو:

بيت

ڏاتوري ڏاري، ڪجي ڪار ڪماند جي،
تہ بہ اصل انهيءَ پار جا، ڏينا ڏيکاري.

تنهنڪري ڄاڻجي تہ جو: ٻچڙي سان ڀلائي ڪرڻ، ڀلائي نہ آهي. تو کي پڻ گهرجي جو ٻچڙي سان ڀلائي نہ ڪر. پنهنجي پڄنديءَ آهر، ٻچڙي سان سنگ نہ ڪر.

بيت

ڪمائي ڪميٽن سان، آهي اجائي،
جهڙو هَرُ ڪلر ۾، ڪاهڻ ڪچائي،
واريءَ وسي مينهُن، ڪا پوک نہ پچائي،
طوطي طرح ڪانءَ سان، ڪجي ڪمائي،
تہ بہ ٻولِي ٻولَي پنهنجي، عادت اها ئي،
ڪري پال ٻگهڙ سان، ڪنهن لوڙي چڱائي،
ڪجي ڪُنبِ ڪُوري ڪي، تہ بہ ڪڏي ڪارائي،

ڳالهيون ڳڻن جون ڪري، ڪنهن ڳوهه نہ ريجهائي،
اوڙڪ اهڙيائي، نيڪي ندورن سان.

---

نيڪي ندورن سان، ڦتاڻي ۽ ڦير،
جهڙي نيڪي نانگ سان، ويتر وڌي وير،
پالي پُٽُ بگهڙ جو، ڪونئرو ڪري ڪير،
چتو چڏي ڪينڪي، بگهڙ وارو پير،
ڪانءُ ڪبوتر نہ ٿئي، ٻبر نہ ڏئي ٻير،
اڱر اڇو نہ ٿئي، جي صابڻ هڻي سير،
پُرجهي پائج پير، پليتن جي پرِ ۾.

---

پليتن جي پرِ جا، ٻُڌو ويهي پارَ،
سونهن ڪين سهي، جيان ٻليءَ وارا ٻارَ،
هرڻن وانگي نہ هلي، سندي ڪتن قطارَ،
ڪبر ڪنان ڪين ٿئي، ڪبوتر جي ڪارَ،
ڪڏهن ٿئي ڪينڪي، سائين منجهان سارَ،
ڳڏهہ گابو نہ ٿئي، جي ڪري حرص هزارَ،
سَوَ ڪري سينگارَ، تہ بہ ڪودڙيءَ پُٽُ ڪودڙو.

# ٧-٠ ستون باب: سياڻن جي سهڻن نُڪتن جو

## ٧-١ ڳالھ پھرين: تيمور لنگ ۽ دولت جي

تيمور لنگ بادشاھ، هڪڙي ڏهاڙي، شڪار ڏي چڙهيو تي ويو. واٽ تي هڪڙي زال انڌيءَ، سوال ڪري پِنَ گهريس. بادشاھ، زال اپري ڏسي، بيهي رهيو. ۽ پڇيائينس: ”نالو ڇا اٿئي؟“
انڌيءَ هٿ ٻڌي چيو: ”منهنجو نانءُ دولت آهي.“
تڏهن بادشاھ چٿر ڪري چيس: ”دولت، انڌي جو تي آهين؟“
زال چيو: ”جي دولت انڌي نہ هجي تہ تو منڊي وٽ ڇو اچي؟“
ڏسو! زال انڌيءَ ڪهڙي سهڻي ورندي، ٻن ارٿن (معنائن) سان، بادشاھ کي ڏني، جا ٻڌي زال جي عقل کي شابس چئي، بادشاھ گهڻو مُجرو ڏياريس.
سياڻن جو مانُ، جاتي ڪاٺي، ڏٺيءَ ڪيو آهي. تو کي پڻ گهرجي جو سياڻن جو سنگُ ڪر تہ سياڻو ٿين. سو ڪو تہ (چاڪاڻ تہ) سياڻن جو سنگُ: جهڙو پارِس جو پاسو. پارِس کي لڳي، لوھ بہ سون ٿئي.

**بيت**

سنگُ سياڻن جو، اچو اُجارُو،
جيئن ڪَنجهي ڪاٺي کي، پارِسُ ۽ پارُو،
ڪَسُونبي ڪيسون کي، جهڙو ڳٽِ ڳارُو،
جيئن سوني سونارو، اُجاري اچو ڪري.

(ڪَسُونبي: آفيمي، اَملِي، افيم جو مَوالي. نَشائي، خماريل، نَشئي. ڪيسون: ٻہر بازو؟ ڳٽِ: ڪاٺ جو ٿلهو ٽڪر جو زيان ڪندڙ ڪتي جي ڳچيءَ ۾ ٻڌجي، ڳٽُو، طوقُ.)

## ٧-٢ ڳالھ ٻين: لالا دولت رام جي

سنڌ جي ڏيھ ۾، اڳاٽو هڪڙو لالا دولت رام ملتاني، ناليرو ٿي لنگهيو آهي. سو هڪڙي ڏهاڙي، سمرڻي (مالها، تسبي) هٿ ۾ ڪري، مير صاحب مراد علي خان بهادر، سنڌ جي صوبي جي سلام تي ويو. مير صاحب، سمرڻي ڏسي پڇيس: ”سمرڻي ۾ ڪيترا داڻا آهن؟“
چيائين: ”هڪڙو سؤ اٺ.“
مير صاحب چيو: ”هندو حق تي ڪين آهن. نا تہ داڻا، پورو سؤ رکڻ گهرجي.“

اها ڳالهه ٻڌي، لالا چيو: ”ابجد جي ليکي ۾، حق جا عدد، هڪڙو سؤ اٺ آهن. هن ريت جو ح جا اٺ، ق جو هڪڙو سؤ. تنهنڪري، سمرٽي جا داٽا پڻ اوترا برابر آهن.“

اها ڳالهه ٻڌي، مير صاحب گهڻو سرهو ٿيو. جيتوڻيڪ ته هيءَ ورندي، مير صاحب جي مرضيءَ ۽ مذهب جي ابتڙ هئي. پر سياڻا چوندا آهن: ”سُورِ ۾ سڄي ڪي، ويري وَڪاڻي.“ تهڙي ريت، مير صاحب سندس عقل ڪي جَسُ چيو.

سياڻن سچ چيو آهي: ”سياڻپ: اڌ ڪرامت آهي.“

تنهن ڪري تو ڪي پڻ گهرجي جو سياڻن جو سنگُ ڪر. من تون پڻ سندن سنگ ۾ سياڻپ پرائين. جهڙيءَ ريت، ڪرڙ جي ڪاني، سرڪندَ (صندل) سان لڳي سرڪندُ ٿئي.

بيت

سياڻن جي سنگَ ۾، جو گذجي گذاري،
اندر ان جو اجرو، جيئن شيشو سان پاري،
ماڻهن جي مت لڳي، جيئن طوطو تنواري،
لائي پاسو لوهه ڪي، پارِسُ جيئن پاري،
اوجاري جيئن اُجاري، سونارو سون ڪي.

## ٧-٣ ڳالهه ٽين: ديوان گدومل جي

جن ڏهاڙن ۾ سنڌ جو ڏيهُ، ڪلهوڙن جي هٿن ۾ هيو، تن ڏهاڙن ۾ ڪلهوڙا، خراسان ڪي ڏل ڀريندا هيا. ديوان گدومل، جنهن ڪي مَلُ ڪري چوندا هيا، ڪلهوڙن جي پاران وڪيل ٿي، ٻُجڪا اُچن ڪپڙن جا ۽ صندوقون چڱن چڱن هٿيارن جون، ڊٻليون جواهرن جون ۽ ٻيون سوکڙيون چڱيون چڱيون ساڻُ ڪري، خراسان جي بادشاهه ڏي هليو. واٽ ۾، سوکڙين جي واهِرُن (واهت ڪندڙن، چوڪيدارن)، ويرين (دشمنن) جي سيکارڻ پٽاندر، ڌوهُ (ٺڳي) ڪري، ڊٻلين مان جواهر چورائي، تن جي بدران ڇيڪي مٽي وجهي ڇڏي. نيٺ جنهن مهل ديوان، بادشاهه جي دربار ۾ اهي سوکڙيون ڪييون سي سڀ بادشاهه ڏسي سرهو ٿيو. پر پڇاڙيءَ ۾ ڊٻلين ۾ ڇيڪي مٽي ڏسي، تپرس ڪائي پڇيائين: ”هيءَ شيءِ ڪهڙي آهي؟“

ديوان پنهنجي ڳالهه مٽي ٺيڪ لاءِ، ناهُ ڪري (هٺ جي ناهي) چيو: ”اسان جي سنڌ ۾ سوا لک (١٢٥٠٠٠) پيرن جو آهي. ميان صاحب يعني ڪلهوڙي، سين پيرن جي خاڪ گڏ ڪري، بادشاهه لاءِ سوکڙي موڪلي آهي.“

بادشاھ اها ڳالھ ٻڌي، سرهو ٿي، هيءَ سوڪڙي سين سوڪڙين ڪان وڌ ڄاڻي، پنهنجي ۽ پٽن ۽ بيگمن جي مٿي تي لاتي. ۽ ديوان کي گهڻو ڪي پهراڻي ڏياريائين.

ڏسو! سياڻن جا ڪم، جو سياڻپ جي وِتَ سان مٿيءَ جو مانُ، جواهرن ڪان وڌِ ڪيائون. تنهنڪري ڄاڻجي ٿو: سياڻپ، پلو ڏوڪُ آهي. سياڻپ جهڙي موڙيءَ کي، چور جو توڙي باھ جو، ڊپ ڪو نه آهي. جي سياڻپ جهڙو ناڻو تو کي ساڻُ هوندو ته ڪاٿي بک کين مرندين ۽ جاتي ڪاٿي مانُ مُهَتُ لهندين. تنهن ۾ تو کي گهرجي جو ڏاهپ لاءِ ڏاهن جو سنگُ ڪر ته ڏاهو ٿين. سنگ ڪان سواءِ ڏاهپ، هٿ نه اچي. هيءَ ڳالھ پڌري آهي: ”ماءُ پيٽان سکي، ڪو نه نکري“.

## بيت

اڪثيران اڳرا ڪري، سياڻا سُجاڻُ،
هو ڪَنجهي کي ڪندن ڪري، هو ڪُن جهڙو پرپاڻُ،
سُرمو سياڻپ جو، سانديو وتن ساڻُ،
جنهن کي پنهنجي جُود سان، ڪن اکين جو اُهجاڻُ،
ڏسي ڏاهو ٿئي، انڌو ۽ اڻ ڄاڻُ،
ڏڏَ! ڏاهن جي ڏسَ تي، سمجهي ٿي سُجاڻُ،
ڏاهپَ ونج ڏاڻُ، تون پڻ تن جي توهَ سان.

## ۴-۷ ڳالھ چوٿين: مُهاڻي ۽ وزير جي

مُهاڻي هڪڙي جي ڄار ۾، مڇي هڪڙي، گهڻو سهڻي، ڦاٿي. جنهن جهڙي اڳي ڪا نه ڏٺي هيائين. سا مڇي ڍوئڻو ڪري (ڪاسبي ماڻهوءَ جو تحفو، سوکڙي)، راجا وٽ ڪٽي ويو. راجا، اها مڇي ڏسي، سرهو ٿيو ۽ ٻه سؤ رپيا مُهاڻي کي مُجرو (انعام) ڏياريائين. وزير کي، ٿوري ڍوئڻي جو گهڻو مُجرو ڏيڻ، نه وڻيو. تنهنڪري مُهاڻي جي پَرَ پُٺِ هٿ ٻڌي، راجا کي عرض ڪري پَڇُ ڪيائين ته مُهاڻي کي، سڏي پڇجي ته هيءَ مڇي جي نَرُ هجي ته سندس مادي، جي مادي هجي ته سندس نَرُ ڦاسائي اچي ته مُجرو مليس. يعني ان مڇيءَ جو جُٽُ (جوڙ) هٿِ ڪو نه ايندس. تنهنڪري مُجرو ٿورو ڏبس.

ان ريت مُهاڻي کي سڏي پڇيائين: ”هيءَ مڇي نَرُ آهي ڪي مادي؟“

مُهاڻي چيو: ”هيءَ مڇي، ڪدڙي آهي“.

راجا، هيءَ سياڻپ مُهاڻي جي ٻڌي، گهڻو سرهو ٿيو. ٻيا پڻ ٻه سؤ رپيا مُهاڻي کي ڏياريائين.

سياڻپ، اهڙي آهي جو مُهاڻي سياڻپ ڪري وزير جي ڳالهه کان پنهنجي ڳالهه مٿي ڪئي. نه ته ’ڇا ڏجي ڪوريءَ، ڇا ڏجي ترار.‘ ڪاڏي مُهاڻو، ڪاڏي وزير.

سياڻن جو مانُ ۽ مُلهه، ڏٺيءَ وڏو ڪيو آهي. جاتي ڪاتي سياڻن جي اڳيان، اياڻن جو مانُ گهٽ آهي. ۽ جيڪي سياڻن جو سنگُ ڪن، تن جو پڻ نيٺ ڀلو ٿئي.

جهڙيءَ ريت سکر چيو آهي: ”عطريءَ جي هٽ تي ويٺي ري-عطر ملڻ باس گهڻي ملي.“

تنهنڪري تو کي گهرجي جو (تہ) پنهنجي چمار، اجائي نہ وڃاءِ ۽ سياڻن جو سنگ ڪر تہ من تون پڻ ان جي برڪت ساڻُ، سياڻن جي ليکي ۾ اچين. جهڙيءَ ريت، لوهه ڪاٺ سان لڳي، پاڻيءَ تي تري.

**بيت**

سياڻن جي سنگ جي، پارِسَ جهڙي پَرِ،
هو لائي پاسو لوهه کي، زودئون ڪري ٿو زَرِ،
ڏاهپ ملي ڏيل کي، هنن جي آدَرِ،
چيو ان جو چاهه سان، سيني سانديِ ڌرِ،
پير نہ پاسي ڪر، لڳي ساڻن سونُ ٿيءُ.

## ٨-٥ ڳالهه پنجين: نواب غازي خان جي

پنجاب جي ملڪ ۾، هڪڙو شهر غازي خان جو ديرو، پڌرو آهي. ان شهر جو نواب، غازي خان سياڻو مڙس هيو. تنهن جي حياتيءَ وارن ڏهاڙن ۾ هڪڙو نڱ، ڳچ جيترا هيرا دٻليءَ ۾ پائي، ڳهُ رکڻ لاءِ، هڪڙي شاهوڪار وٽ کڻي آيو. شاهوڪار، ان نڱ کي شاهوڪار ڄاڻي، اهي هيرا ڏسي ڀالي، دل جاءِ ڪري، ڳهُ رکڻ ٻاسيو. پر پيسن جي وياج تي چؤٻولو ڪيائين. ايتري ۾ نڱ اها دٻلي کڻي، پنهنجي ڪيسي ۾ وڌي. ڳچ ڪان پوءِ نڱ، ان شاهوڪار جي چوڻ موجب، وياج ٻاسيو. تڏهن شاهوڪار، هيرا ڏيڍ هزار جو مالُ ڄاڻي، تن جي ڳهَ جو هڪ هزار رپيا، نڱ کي ڏنو. ۽ نڱ دٻلي هڪڙي، ان جهڙي جنهن ۾ اصلي نڱيءَ لاءِ، ان هيرن جي نموني، ڪوڙا داڻا وجهي آيو هيو. ڪڏي شاهوڪار کي ڏيندي، رپيا کڻي هلندو رهيو.

ويچاري شاهوڪار وسوڙل، اها دٻلي ساڳي ڄاڻي، رکي. ڳچ ويرم ڪان پوءِ دٻلي پٽي منجهس هيرا ڪوڙا ڏسي، ارمانُ ڪاڏائين. پر نڱ جو ڏسُ ڪُرُ ڪو نہ هيس. تنهن ڪري ناڻي (موٽي) ملڻ جو سوس ڀلي (آسرو لاهي) (ويهي) رهيو.

ايتري گهاٽي جو سور، پڻ دل ۾ سانديي نه سگهيو.
نيٺ اها ڳالهه، واندڪائيءَ ويلي، شهر جي نواب کي سڻايائين. نواب اها ڳالهه ٻڌي، ڳڻتي (سوچ) ڪري، شاهوڪار کي پهُ (رستو) ڏسيو.
تنهن موجب شاهوڪار، ٻه ٽي ڏهاڙا وٽي وجهي، هڪڙيءَ رات پنهنجي گهر کي ڪاٺُ هڻي، گهر جي شيءِ ٻيءِ هيٺ مٿي ڪري ڇڏي ۽ صبح جو چورن کان ڦرجڻ جو بهانو ڪري، پڪاريائين.
سا ڳالهه ٻڌي، ماڻهو گهڻا اچي مڙيا. تنهن مهل شين ٻين جون سارون ڪري، چوڻ لڳو: جيڪا گهر جي وَٺُ سَٽُ ويئي، تنهن جو سانگو ڪو نه آهي. پر هڪڙي دٻلي هيرن جي پرائي، ڳهَ ۾ هئي، جا چوري ٿي ويئي آهي. تنهن جي ڏٽيءَ کي ڪهڙو جواب ڏيو.
ڳچ ويرم ۾ اها ڳالهه سڄي شهر ۾ پکڙي سُڄي رهي (سُئي/ ٻڌي وئي).
ٺڳ اها ڳالهه ٻڌي، پنهنجو مکو مٿو ڏٺو. جهڙيءَ ريت پهاڪو آهي: ”ڪنگ کي لڙ ۾ مزو.“
دل ۾ وَڳڙو سِٽي، اها ساڳي ڳوٿري ناڻي جي ۽ ٻه ٽي رپيا وياج جا ساڻُ ڪري، شاهوڪار وٽ آيو، ۽ اچي پنهنجا هيرا گهريائين. شاهوڪار ناڻو هٿ ڪري اها دٻلي، جا هٿ سان پاسي ڪئي هيائين، ڪڍي ٺڳ کي ڏني. ايتري ۾ نواب جي ماڻهن، جي (جيڪي) ماڻهن جي سَمَنَ تي ويٺا هيا، ٺڳ کي جهلي هٿيڪو ڪيو.
ڏسو سياڻپ جا ڪم! جو نواب کهڙي ڪيڏ ڪري، ٺڳُ هٿ ڪيو. ۽ شاهوڪار جو مالُ هٿ ڪري، پنهنجو ناماچار وڌايائين. پهاڪو آهي: ”ٺڳ ٺڳي جڳ کي، سياڻو ٺڳي ٺڳ کي.“
تنهن ڪري جاڻجي ٿو: سياڻپ، سڀ کان چڱي آهي. ۽ عقل کان سواءِ ماڻهو اهڙو آهي جهڙو اکين کان سواءِ انڌو. سياڻا چوندا آهن: ”بخت پڻ، عقل جو محتاج آهي.“ پر سياڻن جي سنگ کان سواءِ، سياڻپ هٿ نه اچي. تنهن ۾ تو کي پڻ گهرجي جو سياڻن سان سنگ ڪر ته سياڻو ٿين.

## بيت

پارِسَ جهڙا پارَ، سياڻن جي سنگ جا،
سِيهي منجهان سونُ ڪن، لائي پنهنجي لارَ،
ڏيکارين ڏڏن کي، عقل جا اسرارَ،
موڳن کي مت ڏين، موچارا مهندارَ،
سمجهي وٺ سنيارَ، تون پڻ سندن سنگ مان.

# ڪتاب جي پڄاڻي

هن ڪتاب کي، ڏاڪڙي سان لکيو اٿم. جيتوڻي تہ منجهس ڳالهيون ڪچيون ۽ ڦڪيون آيون آهن. پر سندن مطلب، گهڻو سُپَڪ ۽ سوادي آهي. جهڙو ڪڙيءَ (ڪؤڙيءَ) باداميءَ جو تيل. تنهن ۾ ڳالهين جي ڪچائيءَ کي ڏسڻ نہ گهرجي ۽ سندس حاصل کي ڏسجي. جهڙيءَ پَرِ اک ۾ ماکي ڏسي، اک-ڪڙائيءَ کي نہ نهاري، ماکي لاهجي. سو کو تہ (چاکاڻ تہ) ڪم ماکيءَ سان آهي. تنهن وانگي، ڳالهين جي ڪچائيءَ تي، باداميءَ جي ڪڙائيءَ ۽ اک جي ڪارائيءَ طرح ڌيان نہ ڪري، مطلب جو تيل ۽ ماکي هٿ ڪبا تہ گهڻن ڏکن جي ڏُوار لاءِ ٻُڪي ٿيندي. هن ڪم ۾ ڳالهين جي ڪچائيءَ ڏي ڏسڻ اهڙو آهي، جهڙو مک سجو ٻُتُ ڇڏي، ڦٽ تي ويهي.

تنهن ڪري چڱو هي آهي: ”يونئر وانگي ڳالهين جي جهنگ مان، ڳُڻن جو واسُ ونجي.“

**بيت**

ڳالهين مان ڳُڻُ وني، سيني ۾ ساراهہ،
ڪدي اچي انّ کي، ٻُهُ ڦوڪي ڏي باهِ،
چا کي چاڻي چاهِ، مطلب ڪر مکڻ مان.

**بيت**

ٻاجهاري جي ٻاجهہ سان، نيڻن سندي نرتِ،
ڳُڻن سنديون ڳالهڙيون، جيڪي ڏينُم ڇتِ،
رکي اُرُ انهن تي، تاڻي وتيم تِتِ،
ناهي آندم ناهہ ۾، سَٽائيءَ سرتِ،
ڪمائي ڪتاب ڪيم پورو، ساڻُ پرتِ،
ليکِڻِ (قلم، پين) هلي هِتِ، بس ڪري بيهي رهي.

## ڏٽيءَ جي ٻاجهہ سان

پورو ٿيو ڪتاب سوکڙي ڳالهين جي، تصنيف ۽ صحيح ديوان ڪيولرام پينشندار جو، هٿان حافظ علي محمد خوش نويس جي، تاريخ ٢١، مهيني سيپٽمبر ١٨٦٥ع جي. وديا ساگر ليٿوگرافيءَ پريس حيدرآباد جي ۾ ڇاپِئو ٿيو.

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊيجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو ڪيو آهي ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ مشاهدن کي ڪي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن جن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي پر اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو پورو ساٿ نڀائيندا.

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book